گهڙيا سي چڙهيا

استاد بخاري

روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گِهڙيا سي چڙهيا

استاد بخاري

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2002ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

Roshni Book No. 208

ڪتاب جو نالو: گهڙيا سي چڙهيا
شاعر: استاد بخاري

پهريون ڇاپو: © روشني 2002ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

GHERHIA SY CHARHIA
Poet: **Ustad Bukhari**

Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composers, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition © Roshni 2002

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سنڌ بڪ ڪلب - حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار - ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
ڪتاب سپر مارڪيٽ، الرحيم هوٽل - لاڙڪاڻو
ڪتاب مرڪز، فيريئر روڊ - سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ، مهراڻ مرڪز - سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ - خيرپورميرس
شاهه لطيف ڪتاب گهر، مين نيشنل هاءِ وي روڊ، راڻي پور - ضلع خيرپور
سارنگ ڪتابي سنسار - ٺل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

10- نومبر 2001ع

سهڻي

سسئي

سنڌ جي نانءِ.

استاد بخاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاعر پاران

اُهي سڀ سُورَ، سُرورَ،
عزمَ، ارادا،
جيڪي اڳتي ڪتاب ۾، اوهان اڳيان ايندا.

استاد بخاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گھِڙيا سي چڙھيا

سُر سھڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سهٽيءَ جو نالو، ماءُ رکيو مَن موهڻو،
نندي کان نينگرِ پيو، پيڙن سان پالو،
پاڪر ۾ پالو، جيجل ڏنس ڏاج ۾.

○

سهٽي لڏي لانءِ، ڏچي جهڙي ڏمرّ سان،
ساهڙ ڪارڻ سيج هئي جوڙي هن جي هانءَ،
نينهن نه ڪنهنجي نانءَ، ڳنهڻ سان ڳنڍجي وڃي.

○

ڏاڍو توڙي ڏمرّ، ڏال ٻنهي ۾ ڏنجهه جو،
چريو ڏنيي چاهه ۾ ڏاڍو چيري چمر،
تڏهن ستم تمر، جڏهن سرت سجاڳ ٿئي!

○

مانگهه، پرهه جي ماڪ، آلا اوچڻ، انگڙا،
(1) سهٽي لڳن شاڪ، جسو ڏمرّ ڇهيو وڃي.

○

جو تو ڇُهي ڏمرّ، سو تو ڏاتي - ڏنب ڏئي،
قرب ڏاران ڪمرُ، جيڏيون جهڙو جنگ ٿئي.

○

* شاڪ: بجليءَ جا جهٽڪا، بجلي- ڇهاءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

جهڙو نالو ڏمرُ، تهڙو جُسو جمَ،
ياڪر پائي بمرُ، سو چو سهٽي سنڌ کي؟

○

سهٽي ٻُڌو سڏ، توڏي، توڏيءَ کي سڏيو،
هلڻ لڳس هڏ، اٿيس عشق اڏامندو.

○

سهٽي ٻُڌي سِينڌ، نينگر، تِتر کي ڏني،
سمجهي ساهڙ نيند، ننگي سر نڪري پئي.

○

تڏيون ڪن تِرتِر، اڻ تڻ سهٽيءَ سوچ ۾،
تارن جي جهِرمر، چُرپر چاهت هانءَ ۾.

○

ڏيڏر ڏين ڏاڪَ، اُتي مِينهن امنگ ۾،
سهٽي جا ساهڙ ڪري چٽڪيو پون چاڪ،
غصا غضبناڪ، آڏيءَ جو اُڏما ڏين.

○

تِين تِين تِنيهر، آڏيءَ اورينڊو ويو،
سهٽي چئي مون ڏي مکا سنيها ميهر،
ڪنهن پَر پائي پَر، اوڏاهين اُڏري وڃا!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

گجڪاريو ڪيھر، شِينھڻ ڏسي شوق ۾،
”پوڪاريو ميھر“ سھڻي ٻوڙي سامھون.

○

سٽيم ساھڙ سَڏ، اٽيم انگ اُڏامر تي،
واھڙ تنھنجو وھڪرو لڳو آڏو اڏ.
منھنجي ھِنئين، ھڏ، ساھڙ ماٺيو سِير ۾.

○

اڄ نہ اُھا سِير، جيڪا ڪالھہ ھئي،
چوليون گوليون تي ويون، اوتر تي وئي ھير،
چڪيو چنيءَ ڪير، ڦھري ڪُنّ ڪڍيو وني.

○

پڪو ناھي گھڙو، ڪچو توڙ ڪئين ڪري؟
ڳچي ھاڻ ڳرڻ لڳي، ٺُتو چاڻ ترو،
ساھڙ چام ورو، سھڻي ڪُوڪي سِير ۾!

○

سھڻي سڏي سِير ۾، واھر واھر وو!
سيڪو موڪي پاڻ کي ھڪڙو ساھڙ چو؟
لوڪو آھي ڪو، پھچو، منڌ ٻچي پوي!

○

○

اڳيان عزرائيل، پٺيان عزرائيل،
سهٽي گهڙي سِير ۾ وچان سوچي سيل،
منهن ۾ ملڪ الموت جي دل ۾ هي دليل،
موتڻ موت ذليل، ملهڻ آهي مهانتا.

○

ڄنگهون واڳونءَ وات ۾، سهني سِير تري،
گهائُو ڏوهي پوئتي، اڳتي لُوه ڪري،
واڪي ڪير وري، ڪندي، ڪُوڪ ٻُڌي نہ ٿي.

○

ٻاهر اَڄ ئي آڄ، اندر مانگر مَڇ،
ڪتي ساهڙ ڪڇ، ڪتي سهٽي ڪُن ۾!

○

سهٽي توٽي سِير، ٻئي ڏُکنديون مون ڏنيون،
ساهڙ لئي سهٽي سڪي، ساگر ڪارڻ سِير،
طلب هَنين تِير، ٻئي ٻيلهہ ملهيون وڃن.

○

سهٽيءَ ڪي ٻيلن، ٻَگهن، ٻيٽن چيو ٻُڌ:
جي تون تَر، ڇِہ شُدُ؟ چاهت شال نہ تر ٿئي!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

سھڻي سانڍي سِڪ، جھومي ميھر جھول ۾،
چوھِي چوليءَ چڪ، ڏوھي اونھي ڪُن ڏي.

○

سھڻيءَ کي سوداوَ، سيڻيون سوچن ۾ سٽي،
ڏوڏو پائيندڙ پوي، پاڻيءَ تي پڙلاوَ،
ڌھڪا، دل ۾ داوَ، اُتج، عشق ايو چوي!

○

سھڻيءَ سان سرہات، سَرن ۾ ساھڙ ڪري،
پوي پائيندڙ پريان، ڪُنن ۾ ڪڙڪات،
واھڙ وچان وات، ڪير ڪريندو عشق ري!

○

سھڻي تاتي سَڌ، سالم ميھر سان ملي،
ساٿي اڌو اڌ، سامھون ساھڙ چام جي.

○

ٻيلو ڪاري ٻات، سڪڻ چِٽو سوجھرو،
انڌاري اوڙاھ ۾، لڳن ٻاري لاٽ،
جاتون ڪاتون وات، اديون، اٿل عشق کي

○

○

ڀنڀ، انڌارو، ڀَئو، ٻيلو، ڪنڊا ڏنگريون،
سهٽي ڊوڙي چوڪرو، محبت اهڙو مَئو،
تانگهون، تِکو تئو، سرديءَ ۾ سڙندي وجي.

○

ويندي، ڊپ نہ ڊاءُ، ورندي، چرڪي واءَ ڪان،
هيڏانهن مستي سؤمٽي، پريان موتي پاءُ،
هيڏانهن تاسو تاءُ، هوڏانهن ساٽو ساهڙو.

○

درجن رڪجن دنگيون، ويهون ڪٽجن وَنجهہ،
ڏاڍا سُجهن ڏنجهہ، دوڏاري درياهہ ۾.

○

سيٽهہ، تُنبا، سَنڌ، سيٽي ڪڙي سڪ ۾،
اوندهہ ڪهڙي عشق کي، چاهت چوڏهن چنڊَ،
پاٽي پنجئي ڪنڊ، تہ بہ پهچان تِٽ تي!

○

گوڏي جيڏو گاهہ، هيڏو ٻيلو ٻاٻرو!
پاٽي ڀِني- ٻوڙ ٿيو ديوانو درياهہ،
اجهل عشق اٿاهہ، سهٽيءَ کي سوپو ڪيو.

○

Scanned with CamScanner

○

هِتي، هُتي، ڪِٿ، ڪيڏو ڏُور هجان ڪٿي،
جتي ڪٿي دل ٻَڌي، توسان ٻَڪي تِٿ،
جاني ڪوئين جِٿ، اتي پهچان عشق تي.

○

ٻيلي ڏي ٻرڙوٽ، سُٺي، سهٽي پئي لُڇي،
گهوريس گهوريس گهوٽ، پهتس، آهيان پنڌ ۾!

○

(1) جيون، جانيءَ جوٽ، جِيوَن جهڙو جنڊ،
گهڙي خوشيون ڪنڊ، گهڙي گوندر ايريو.

○

اندر انڌوڪار، جهڙو ترو سمنڊ جو،
ٻاهر سُهٽي سِجَ جا چوڌاري چمڪار،
سونهاري سنسار، تاتيون جوتون، اوندهون.

○

جهڙي سُهٽي سهڪٽي، تهڙي لَهُرن لوچَ،
مونچو، منهنجي سوچ، سا ٻه ته ناهي سانت ۾.

○

جهڙي سهٽي سِڪ وَتي، تهڙي ساهڙ چِڪ،
بيچيني هر چيز کي پنور هجي يا پِڪ،
تاٿي ناهي تِڪ، تاٿو ڪاتي تانئيڪو!

○

(1) جانيءَ جوٽ: جانيءَ جي جهولي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

سهڻي هي سپنو ڏنو، ڏمرَ ڏچو تيو ڏُور،
نڪتي ڪاتي ڪک مان، اکين مان انبور،
جاڳي، ساڳيو سُور، ساڳيون سوچون مچّ ۾.

○

سهڻي خواب لڌو، اڏري سپ عذاب ويا،
نہ ڪي ڏنپ نڻان جا، نہ ڪو ڏمرَ ڏجهو،
نہ ڪو جهنگ نہ جانور، واهڙ ڪونہ وڏو،
ساهڙ ملڪ سڄو، سهڻي- سهڻي پيو ڪري.

○

هي جو هيترو، ساهڙ، سهڻيءَ ڪي گهُريو،
واهڙ اٿل ڪان وڏو، جبل جيترو،
تيڏو، تيترو، جيڏيون، ڏمرَ ڏنيو بہ تي.

○

جيڏو ميهر موهہ، ايڏو ڏنيي ڏمرَ،
اڇي عشقَ عذاب سان اتڪيو دل جو ڪمہ،
جانيءَ سان گڏ جَمہ، سهڻي ساڻ ڪنيون وَتي.

○

روئين روز درياهہ، لنگهين روز درياهہ،
پوءِ بہ اهڙي باهہ، جنهن جي ناهہ اجهام ڪا.

○

Scanned with CamScanner

○

سهڻي ۽ ساهڙ، هميشہ هڪ هنڌ ها،
وچان جو واهڙ، سو هو لِيکو وهم جو.

○

هئو بہ الله، هوندو بہ الله،
جِيوَن بيڙي سِير تي، دنيا آ درياهہ،
سهڻي، سِڪڻ، ساهہ، ڪُن ۾ ڪاج ڪندا هلن.

○

آلايوس الله، سَرلِي سُٽيو سِير ۾،
دِلو سهڻي دل ڪر، سينو ڪر سيٽاهہ،
او، ٻي ڪانهئي واهہ، سوا سعيي سَگهہ جي!

○

ڪُوڪين ڪنهجي ڪاڻ، ساهڙ سو بہ سُٽي نہ تو.
ڪِڏي ٻُڏين پاڻ تي، تِگِي ترين پاڻ،
تانگهو سمجهي تاڻ، اُنهون ڪونهي عشق ۾.

○

درياء ڪي دانهون، مَڇن ڪي مهٽا نہ ڏي!
هي جي همّت هٿ ٿئي بہ زوريون ٻانهون،
اڇل ايڏاهون، ڪپر، ڪُن منجهان اٿئي!

○

○

ڪڏهن ڪَپر، ڪُن ٿئي، ڪڏهن ڪُن، ڪَپر،
ڏرتي ۽ درياهہ جي مرضي آهي مگر،
بعضي مڙس ببر، بعضي جهڙو پولڙو.

○

پيلي چا جو پَرُ، پڳي کهڙو آسرو؟
جتي سنڌ نہ ساڻ ڪو، تَتي اُتي تَرُ!
پائي چوليءَ پَرُ، ڪپر ڏانهن اڏام ڪر!

○

ڪنهنجي هِيءَ ڪنوار، هھڙي هِيئن ٻڌي وئي!
ڳوڙها عزرائيل کان ٿِمي پيا ٿي چار،
پِٽن، ڪڍن پار، دل ۾ مَلڪ خداء جا.

○

ههڙي نرمل نار، ڪاتي، ڪيئن ٻڌي چڪي؟
مَلڪن، مَلڪن کان پڇيو ويهي ۾ ويچار،
مونکي ٿي مُنڌ مان اچي سنڌڙي جي هبڪار،
اهي ها اظهار، جنّت ۾ جبريل جا.

○

ههڙو ڳاڙهو گهوٽ، ڪهڙي ڪوڏ، ٻُڌو اچي،
اهو عشق اَموت، اَجل، حُورن کي ڏسيو.

○

Scanned with CamScanner

○

جيئن گهِڙيو جنّت، ”سهٽي - سهٽي“ پيو ڪري،
حورن ڪي حيرت، ميهر جي محبت مٿان.

○

سِڪيا ۾ سنسار، مليا ۾ سنسار،
سهٽي ۽ ميهار، جڳ جڳاندر ڳائبا.

○

سهٽي تنهنجي سِڪ، سنڌو سيني سان لڳي،
اڃا تنهنجي عشق جي چولي چولي چِڪ،
سِڪڻ ڪهڙي لِڪ، ڪچي، پَڪي چو پچون.

○

سُهٽي تنهنجي سَڏ، سِنڌوءَ سان ٻکجي وئي،
اُمنگ تنهنجا آڏ، سچا سِنڌ ڪري سگهي.

○

ٻُڏي آرزو، پهتي، ڪانهه ڪنڌيءَ تي،
جيئي جستجو، چولي چولي جُهد ۾.

○

سُهٽي تنهنجا سَڏ، ٻنين ۾ ٻُرندا رهيا،
گگن، پَون گڏ، پڙاڏا گونجائيا.

○

سهٽي تنهنجو رَت، سنڌو سان رلجي ويو،
ساگر جيڏو سَت، مِلي ويو مهراڻ کي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

جهڙي سنڌو سير، اهڙي سينڌ سچيءَ جي،
(1) عجب ناڪ اُڪير، ٻُڌي جڳ ٻري وئي.

○

سهڻي تنهنجا سُورَ، ملي ويا مهراڻ سان،
پَتَن تي پڪڙي ويا، ڦُٽا ٻُوٽا، ٻُور،
تِيا سُور، سُرور، جُوڻ مٿيندي جڳ ۾.

○

تقدير ۽ تدبير، پنهنجو پنهنجو ڪم ڪيو،
ايندي، ويندي منڌ جا سعيا مڃيا سِير،
اڄ انوکي وير، حيلا، هڙ لڙهي ويا.

○

ڪيڏي هوڏ ٻڌي، ڪوشش، قسمت پاڻ ۾،
چنگهه چرڪي وات ۾، اڳتي منڌ وڌي،
همّت، قسمت- ڪُنّ ۾، ڪنڌي ڪانہ لڌي،
مگر لانءَ لڌي، سهڻي، ميهر سِير ۾.

○

قسمت، ڪوشش جي نئين هڪڙي هي نسبت،
ازخود آ صُورت، سيرت، سعيي، سوچ سان.

○

---

* جيئن حيرت ناڪ، خسناڪ، تيئن عجب ناڪ بنايو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

آجي، زور، اجهل، سهٽي پنهنجي سِڪ ۾،
سوگهي سُڪَ بَدل، سنساري آزار ۾.

○

مختارءِ مجبور، سهٽي گهڙي سِير ۾،
ٻانهون، ٽنگون، همّتون، هوشياريون ڀرپور،
هيرون، اوتر تي ٻيون، چوليون، ڪُنّ ڪلور،
سوچون چڪنا چُور، حيلا، سَبُ لُڙهيا وڃن.

○

سهٽي سَوَ دفعا، ڏٺي موجون مِرائي چڪي،
ڄرڪا، سيسر، ٻُلهٽيون ڏٺي، ڏور ڀڳا،
هيرون، لهرون، پاڻيندڙ ڏيڻ سات لڳا،
جڏهن ڏينهن پڳا، پيڙو ڪوبہ ٻلو نہ ٿيو.

○

ٻيلي ۾ ميلو، سهٽي ماڻيئي سو دفعا،
ويڏن جو ويلو، ڪنهن تان منڊ تريو نہ آ،

○

سهٽيءَ ٻلو ڀاڳُ، مُئي ميهر ڪچّ ۾،
سدائين سهاڳ، ڪنهنکي هوند نصيب ٿئي!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

هڪ سڪ ٻيو ساهڙ، تڏهن روز تَران پئي،
ويري نہ تہ واهڙ، ٻوڙيون ڪوڙ چڙيون ڇڏي.

○

سهڻي توکي سِڪ، پڪو رُڪَ ٽنيو ڪيو،
تون نہ تہ ٻُرڻي پِڪ، پائيندڙ سان چا پُڄين؟

○

گهڙو پچڻو هو، گهڙو پڳو چا ٿيو؟
واڪو وڄڻو هو، سهڻيءَ جو سنسار ۾.

○

وهي وهڪرو، اڳيان موت، حيات جو،
سهڻي تنهنجي سِڪ جو پري آهي پرو،
(1) زِهي عشق ذرو، جُزي ڪي جملي ڪري.

○

هڪڙو جيئڻ هيئن آ، ۽ ٻيو آهي متي،
سگهي ڪير ڪٿي، حدون لامحدود جون.

○

واهڙ نديڙي وهندڙي، ٻيلو ڏيڏ ٻرانگ،
ڪنڌا لڳس ڪنئرڙا، نوڙي لڳس نانگ،
چوها چار چلانگ، سهڻي، ميهر سامهون.

○

---

* زِهي: واهوا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

(1) ٻ(2) ساهڻ، سهڻيءَ ڪي سڏيو، پَنوَر وڄي پير،
جِتي پائيندڙ پوي، تِتي گهڙِي ڪير،
چوليون ٻَڌي چير، چريو چاهہ نچڻ لڳو.

○

ترِي هَئو مَئو، چَري سِڪ ڌُڪي پئي،
اڳيان پڇن پروسا، پنيان پؤنڪن پَئو،
مَڇن جهڙا مئو، ساڙيندا سَنسو ويا.

○

سُتو لوڪُ، سُتي، ڪنيس ٻوڪَ، اُٿي هَلي،
اوندهہ ويڙهي اوڙهڻي، جهنگل، پير- جُتي،
ميهر ڪانڌِ مُتي، ”پهتيس پهتيس“ پنڌ ۾.

○

سهڻي گهڙِ سُتڻ، اهڙي عشق اندي نہ ٽي!
ٽَپن ساڻ ٽپي وڃين، ناهن ڪُنَ ڪُهڙ،
(3) اِنهي ڏنجهہ- ڏُتڙ، ٻوڙي ڪوڙ چَڙهيون ڇڏيون.

○

ڪرنگهو، پيٽ، ڪُٻو، سهڻي پو بہ سِڏو تري،
سانگو ڪونهي ساهہ جو، جانيءَ ڪاڻ جهُبو،
دريا اڄ ڏُبو، لڳو عشق اڏول ڪي.

○

---

(1) پير: نقارو. (2) پنور: ڪَن.
(3) چڙهيون: ڳرڙيون، ڪوششون. هيو مطلب اڪيليون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

پُني نَپن دپ، دلاسا، ڏڏڪا ڏين،
اوتر، وِڇٽا هانءُ ڪي، لهرون، پاڻيءَ لَپ،
ڪُوڪن ٻيئي ڪَپَّ، "شاٻي - شاٻي" سوهٽي!

○

ڏُوڏُو پائيندڙ، دل ۾ دهل ٻُڌي پئي،
ڪَڙڪڙ ڪُنن جي لڳي، لاڏا ڳائيندڙ،
لهرن ۾ لڙهندڙ، سهڻي جهڙي سيج تي.

○

آڏيءَ اونايون، شرنايون سهڻي ٻُڌيون،
آتش بازي هُئي ڪِڙئي تاري جون تايون،
باک ڦُٽيءَ لايون، لاڪيون مينديون منڌ کي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وايون

تان تانَ پريت پيان ڙِي، جان جان آءُ جيان،

دردي رات ڏمي ٿي، تڙپي تانگهہ پوي ٿي،
ساهڙ ڪاڻ سڪان ڙي،
جان جان آءُ جيان.

گهُوري ڪير گهڙي ڏي، ڪينچي چاهہ چڙي ڏي،
ٻوڙي گهير گهڙان ڙي،
جان جان آءُ جيان.

چمڪن چيرون چوليون، ٻيلي ڪونہ ٻوليون،
ويلو ڪيئن وڃهان ڙي،
جان جان آءُ جيان.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

 Scanned with CamScanner

ڪيڏو خوب ٻُجهي تو، سامهون موت سُجهي تو،
تاڻي عشق تِتان ڙي،
جان جان آءٌ جيان.

بگهڙ، واگهہ وِڏائي، سيسر، مَڇَ مُڇائي،
ميهر ساڻ مِلان ڙي،
جان جان آءٌ جيان.

سامهون بحر بخاري، اوتر، سِير، انڌاري،
ويندي‌س تار وچان ڙي،
جان جان آءٌ جيان.

○

Scanned with CamScanner

آڏو گهيڙ گهٽيرا،
گهاتا گهُگهه انڌيرا، سهٽي سمجهه ڪجاڻ!

ٺوڪي ٺيڪ ڪٽي ها، هئہ هئہ هَٽَ نہ هٽي ها،
پيلي ڏيک پليرا،
سهٽي سمجهه ڪجاڻ!

مانگر پُڇَّ ڊگهيرا، سيسر سِسَّ ٿلهيرا،
واڳون وَات وڏيرا،
سهٽي سمجهه ڪجاڻ!

موڳيون ڪوڙ مري ويون، ڏاهيون تار تري ويون،
توڙي تِڪَّ تڪيرا،
سهٽي سمجهه ڪجاڻ!

ڪيني ورتين ڪارڻ، ويري پاڙي وارين،
جوڙيا گندا گهيرا،
سهٽي سمجهه ڪجاڻ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هلڪي هِير وڏي پئي، اُلري سير اُتي پئي،
چولیون، ڪُنَّ چَپيرا،
سهٽي سمجھ ڪجاڻ!

ڪندا قرب ڪنارا، ڏينڊا سات سهارا،
ڦڙڪيا آس ڦريرا،
سهٽي سمجھ ڪجاڻ!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آءُ تان واڳونءَ وات ڙي، هِينئڙو ساهڙ هنج ۾.

ڪي ڪُن لوڏي ڪندي لائن،
ڪي تہ ڪنارا ڪات ڙي، هِينئڙو ساهڙ هنج ۾.

ڏسندي ڏمرَ ڏهاڙي هاٺي،
اڪين آيم آت ڙيْ، هِينئڙو ساهڙ هنج ۾.

پيلي تي پَرُ هيڏو سارو،
هٿ هنيم هيهات ڙي، هِينئڙو ساهڙ هنج ۾.

جند ٻُڏيءَ جو اُلڪو ناهي،
تِت ڳُسي وئي رات ڙي، هِينئڙو ساهڙ هنج ۾.

عشق مُڪيون اڏ رات بخاري،
سورهيائون سوغات ڙي،
هِينئڙو ساهڙ هنج ۾.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تَتي تانگهہ تپيو وجي، ڇُهنيو پون ڇَپَ،
سهٽي اورئين ڪَپَ تي،
ميهر پرئين ڪپَ.

ٻيلي، ڪنڌي، سِير تان، ٻَڏا ٻہ تي ٽپَ،
سهٽي اورئين ڪَپَ تي...

دريا نِنڊڙي ڏيگڙي، لهرون، پاڻيءَ لَپَ،
سهٽي اورئين ڪَپَ تي...

سامهون سهٽي شينهن جي، ٻوڙن گدڙ ڏپَ،
سهٽي اورئين ڪَپَ تي...

شعلو عشق مٿان لنگهيو، سُوسٽ پرن سَپَ،
سهٽي اورئين ڪَپَ تي...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سهڻي سُرهي پيار سان، ڏوتي گندي ڏپّ،
سهڻي اورئين ڪَپّ تي...

استاد آهي اگهامٽي، تنهنجي نيٺ تڙپّ،
سهڻي اورئين ڪَپّ تي،
ميهر پرئين ڪپّ.

○

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سَموهِي مهراڻ، سهٽي تنهنجي زندگي.

جتان ورتي روشني، چوڏهين جي چانداڻ،
سهٽي تنهنجي زندگي.

چيتن جي هُبڪار ڪنئي، ساهن جي سُرهاڻ،
سهٽي تنهنجي زندگي.

لِڱن جي لالاڻ ڪنئي، شفق جي ڳاڙهاڻ،
سهٽي تنهنجي زندگي.

نوان تنهنجي نينهن جا، مُندن ۾ مانداڻ،
سهٽي تنهنجي زندگي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي عشق آتور ڪي، ماڻهن ڪهڙا ماڻ،
سهڻي تنهنجي زندگي.

بيچيني پونچال ۾، تحريڪن ۾ تاڻ،
سهڻي تنهنجي زندگي.

ٻُڌيءَ جا استاد چئي، ٻيڻا ٿيا اهڃاڻ،
سهڻي تنهنجي زندگي.

○

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُھڻي ماڻي سِير، لھرن پينگھي لوڏِي.

پاڻيءَ منجھہ مڇي جيئن پلجي،
ايئين آءُ اُڪير، لھرن پينگھي لوڏِي.

ھوري ھوري اوتر تي پئي،
ھلڪي، ھلڪي ھِير، لھرن پينگھي لوڏِي.

اُيڪپريءَ ڪان پائيندڙ ڏي،
وچ تي چوھي وِير، لھرن پينگھي لوڏِي.

”موتُ نہ مِھٽو، موتِڻ مھٽو،“
ڏيان ڏياريس ڏير، لھرن پينگھي لوڏِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٽ وٽ، واءَ ڏنيس واڌائي،
خوشبو آڪيس ڪِير، لهرن پينگهي لوڏِي.

عشق آڏيس استاد بخاري،
موڪيس ميهر مِير، لهرن پينگهي لوڏِي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساهڙ سين صحبت، سهڻي ويتر سهڻي ٿي پئي.

ڪاري رات ڪُنن ۾ چمڪي،
چمڪايس چاهت، سهڻي ويتر سهڻي ٿي پئي.

پاڻيءَ پاڻ لڳين لَٽ لاٿُس،
مُنهن ڏوتس محبت، سهڻي ويتر سهڻي ٿي پئي.

ڌمڪايس جي دهشت، هڪدم-
هوڪاريس همّت، سهڻي ويتر سهڻي ٿي پئي.

زنده باد بخاري سهڻي،
نِتُ نئين نوبت، سهڻي ويتر سهڻي ٿي پئي.

○

Scanned with CamScanner

سهٽي آ اورار،
ساهڙ پار پَرارَ، وچان ڪيڏو وهڪرو!

دهڪي هانءُ ٻنهيءَ جو، ڳڏجي ٿئي گونجار،
وچان ڪيڏو وهڪرو!

سهڪي ساهہ ٻنهيءَ جو، ساڳي ٿئي هبڪار،
وچان ڪيڏو وهڪرو!

سوچي آس ٻنهيءَ جي، وصل ويروتار،
وچان ڪيڏو وهڪرو!

گهوري، گهربل کي پلا، دور ڪري جو ڏار،
وچان ڪيڏو وهڪرو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڙڪيو ڪُنَ ڦرن جئين، گهُوڪن چَڪ - ڪنيار،
وچان ڪيڏو وهڪرو!

دهشتي درياه جي، ڪيسين هي ديوار،
وچان ڪيڏو وهڪرو!

ڏماڻي ڏهڪار ۾، هاڻي پوندا ڏار،
وچان ڪيڏو وهڪرو!

اميدون استاد کي، اُمنگ جي آثار،
وچان ڪيڏو وهڪرو!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڪڻ ٻٽائي شوق ڪَپُر ڪي،
لانگ ورائي برهه ٻبر تي، سهٽي، ساهڙ ڏانهن وجي تي.

گورِي ڊوڙي ڪاري جهنگ ۾،
(1) بجلي چمڪي گهُپ ڪَڪر تي.

سيسر، ڪيچُون، مَڇ سلامي،
ڪُرمش ڪن تا ڪُلُ ڪپر تي.

سهٽي سهڪي سمر تري پئي،
سسئي شابس ڏئيس چَپر تي.

”ميهر – ميهر“ منڊ پڪاريو،
ڪيهر ڊوڙيو ڄڻ ته پڌر تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوپر خوشبو، اولهہ خوشبو،
خوشبو چانئي شهر شهر تي.

حيرت ڪائي روز بخاري،
موت ضديرو پيار امر تي،
سهڻي، ساهڙ ڌانهن وڃي ٿي.

○

(1) گهپ: گهاٽي اوندهہ، سخت اوندهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وِيرن سان وڙهندي،
لهرن سان لڙندي، سهٽي ڏِنيَم سِير ۾.

ٿابڙندي در مان نِڱي، جَر ۾ ٿاڦڙندي،
سهٽي ڏِنيَم سِير ۾.

گهيرن تان گهٽيون ڏنم، گهِڙندي ۽ چڙهندي،
سهٽي ڏِنيَم سِير ۾.

ٻيلي ۾ نہ تہ ٻار ۾، ميهر سان مِڙندي،
سهٽي ڏِنيَم سِير ۾.

ساهڙ جي سڪ جون ڀِٽيون، ساميءَ ۾ ٻڙهندي،
سهٽي ڏِنيَم سِير ۾.

ڪنهن نہ ڏني استاد ڪا، سِير اندر سڙندي،
سهٽي ڏِنيَم سِير ۾.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪالهه لڌيم ڪل ڪانہ، هاٿي، هٿ تي هٽان ڙي، هئہ هئہ!!

ڪنڌ ڪٽي ويو قاتل ٻيجل،
ڪات ڪري ويو تانَ، هاٿي هٿ تي هٽان...

پاپِي پاٿي پياري ڦاٿيس،
داغ لڳايم دانَ، هاٿي هٽ تي هٽان...

ڏاريا مون سان ڏاڙ ڪري ويا،
مارا ٿيا مهمان، هاٿي هٽ تي هٽان...

ساهڙ جا ڦٽ نيٺ ڇٽُن ها،
راس اچي ها رانَ، هاٿي هٽ تي هٽان...

سومل سان سڌ سرچايم چو،
ڪاڪ ڪيم شمشان، هاٿي هٽ تي هٽان...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محب مٽئي تي ڪيئن مٽابر،
عمر سڄي ارمان، هاٽي هٽ تي هٽان...

آئيندو استاد اجاريان،
مان مِلن ڪي مان،
هاٽي، هٽ تي هٽان ڙي، هئہ هئہ!!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سھڻي ميھر ماڻيندو،
جھنگل، جھمريون پائيندو،
دريا، ڪِير ورهائيندو،
حسن مبارڪ، عشق مبارڪ،
گھر گھر جھومي ڳائيندو.

ڏمرّ ڏھاڙي ڏنپ نہ ڏيندا،
ڏاڍ نہ هيٺو ڏاريندو، حسن مبارڪ، عشق مبارڪ!

لڏندو لمندو سچ جو ٻيڙو،
تار مان آخر تاريندو، حسن مبارڪ، عشق مبارڪ!

لڇندي پڇندي دور پراڻو،
اوج نئون اوجاريندو، حسن مبارڪ، عشق مبارڪ!

هِير سَنورجي رقص ڪندي،
رانجھن بين وڄائيندو، حسن مبارڪ، عشق مبارڪ!

ليليٰ پرک نہ اوچي ونندي،
مجنون زهر نہ کائيندو، حسن مبارڪ، عشق مبارڪ!

آزاديون استاد بخاري،
ايڪيھون سن آڻيندو، حسن مبارڪ، عشق مبارڪ!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پـونءِ پلي هبـڪار ڪري،
سونهن سدا سينگار ڪري، عشق نئون اظهار ڪري.

سهڻي صورت جڳ جڳ جيئي،
ميهر محبت نِت نت پيئي،
ٻيلا، دريا پار ڪري، عشق نئون اظهار ڪري.

سسئي ڪي سڪ ٻاريا ٻارڻ،
ٻَريت جهاڳي آريءَ ڪارڻ،
ڪاهون پئي ڪوهيار ڪري، عشق نئون اظهار ڪري.

مومل ڪاڪ محل جي راڻي،
پر جي ڪاڪ ڪري ٿي ڪاڻي،
روئي زارو زار ڪري، عشق نئون اظهار ڪري.

جيڏي صورت ايڏي سيرت،
جيڏي محبت ايڏي محنت،
نوري ناز هزار ڪري، عشق نئون اظهار ڪري.

هِن ڪافي جهڙي وائي ۾ شاهه لطيف سائين جي ستن ئي سورمين انهن موکي جو گڏيل ذڪر آهي. زمان مضارع ڪم آندل آهي جو حال ۽ مستقبل ٻنهي جو ڪم ڏيندو. (استاد بخاري)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پکڙن پنهوارن لئہ آتي،
قندن ۾ قيدياڻي ڦاٽي،
ڪوٽن ۾ ڪوڪار ڪري، عشق نئون اظهار ڪري.

سورٺ سُر ۽ ساز مٿان ٿي،
آفاقي انداز مٿان ٿي،
ورجو سِر ٻلهار ڪري، عشق نئون اظهار ڪري.

ڪنئرو مهٽا موکي تي پئي،
لِيلا ڏيک تي هرکي تي پئي،
پيار وکيائين هار ڪري، عشق نئون اظهار ڪري.

توڙي سورهيہ سورمي ناهي،
موکي پو بہ تہ موکي آهي،
ميڙي گڏ ميخوار ڪري، عشق نئون اظهار ڪري.

اوسرسان سنسار بخاري،
جِيوَن جڳ مڳ جاري ساري،
چوڌاري چمڪار ڪري، عشق نئون اظهار ڪري.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گيت گلابي،
گيت گلابي چئبا رهبا،
رنگ فضا ۾ پربا رهبا، گيت گلابي.

ڪنھن جي سُرھن ساھن صدقي،
عطر هوا ۾ چِٽبا رهبا، گيت گلابي.

چانڊوڪيءَ جا ڪِرڻا توڪان،
روشن بوسا وڻبا رهبا، گيت گلابي.

سهڻي سرتي، دلبر ڏرتي،
رازِ پنهي جا رکبا رهبا، گيت گلابي.

مارئي جهڙي منڊ ڏنائين،
تورا تر جا مچبا رهبا، گيت گلابي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موهن، مڪلي ٽڙپي توسان،
سُور صدين جا سلبا رهبا، گيت گلابي.

ويهي هارين ساڻ ڪرن ٿي،
وير وچن جا وڏبا رهبا، گيت گلابي.

ڏوڏي، ڏولھ ڪاڻ بخاري،
ڏوڏ ڪُڏن جا ڪٿبا رهبا، گيت گلابي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سِڪَ ٻَڌائينَ سَندرو

سُر سَسئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڙهي ۽ ڪَڙي، ٻَرِ ۾ پيرُ پُنهونءَ جو،
سڪَ ٻَڌائين سَندرو، جانب لءِ جَڙي،
لَڪن سرِ لطيفُ چئي، مُنڌَ جهيڙي ۽ جهَڙي،
ٻَٽيءَ تانَ نہ ٻَڙي، جي عُمرِ سَڀِ اِئن ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

داستان پهريون

سسئي جهڙي سورمي، ستي ڪانه سئي،
ڀڳڻ گهٽيون ڀانيٽيون، ههڙي بي نه هئي!
محبت ڪاڻ مُئي، جيئري هر ڪنهن جوڻ ۾.

○

نارِيءَ جا نالا، صورت، سيرت ٻئي سُنهَنِ،
محبت جي مالا، ڪامڻ ڪي ڪامل ڪيو.

○

سسئيءَ سورج، هڪجهڙا هڪجهڙا بہ نہ،
هِيءَ بني هيءَ ٻج، سورج سڪٽو سوجهرو.

○

سسئيءَ سونهن، ٻئي سِنجريا ٻِٽ،
چاهت جنهن تي چِٽ، ساتي چمڪي سات ۾.

○

سسئي سوا سچُ، وينگس بنا ويس جي،
محبت، ذاران مچُ، سورج، ٻِگر سوجهري.

○

سسئيءَ سِڪڻ، جاڙا چايا جڳ ۾،
تانگهڻ تتيءَ سان جئين ٻارڻ سان ٻڙڪڻ،
ڏکن وٽ تِڪڻ، سکن ڪي آيو ڪٿي؟

○

* هن داستان ۾ جرءِ جَبل جي اهڃاڻن جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ سسئي جو انهن سان واسطو هو. ٻيو تہ بيتن ۾ انساني زندگيءَ جي اوسر جي تاريخ جا ڪجهه اولڙا بہ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

پرتياڻيءَ سان پيڙ، سانير لاڪر سنگتي،
لڇڻ، پُڇڻ، لوچ جي، پرينءَ رکي پيڙهه،
(1) سِڪڻ، ڳَرَجي سيڙ، مِلڻ سان مانار ٿئي.

○

ايندي آکيائين: جيئنديس آءُ جتن سان،
چوليون لنگهي چوهه سان، ٽَڪر ٽاڪيائين
ساگر، ڏونگر ڪان ڏکيو جِيوَن جهاڳيائين.
تيتر تانگهيائين، جيتر جند جهان ۾.

○

هيڪر، پاڳ، نياڳ، ونگيئون مونکي وهم سان،
بيهر، ذات، ڪذات چئي، چنئون سيج- سهاڳ،
سسئي، تيءُ سجاڳ! تيئي ڏال ڏکيا اٿئي!

○

ڏونگر، ڏاگها، ڏير، ڏال تِنهي ۾ ڏنگ جو،
ڪچا پاهڻ ڪوهه جا، پڪا منهنجا پير،
تنهنکي روکي ڪير، جنهنکي عشق "اُٿي" چوي!

○

اڪيلي آواهه، تَنجي لوڙهيئون تار ۾،
لهرون ڪاريهر ڪري، دوطرفو درياهه،
سُواري مٿان سِير جي، ڪُنن وچان ڪاهه،
اديون، عشق، الله، سانديو مونکي ساهه سان!

○

(1) سِيڙ: سُور جون سُوٽون، ڳرَ جو عذاب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

(1) ڄايس، وِيسر وهڪرا، وڏيس، ازگَر غار،
جيڏيون، منهنجي جند ۾، وڏا جَتن- جار!
پنڊن منجهان پار، اجهل عشق ڪندو هلي.

○

ڄايس، چڙيون چوليون، اٿيس، ڏونگر- ڏر،
الري آيم سامهان، سيسر ۽ سُوئر،
برسائيندي بَر، وڏان ٿي وٽڪار ڏي!

○

ڦُٽيس، واڳن وات ۾، نِسريس، ڏنم نانگ،
هٿ، ٻڌايم هوش ڪي، ڏات، ٻڌايم ڏانگ،
سهٽي ساڄن سانگ، پاهڻ ٿي پاٽي ڪيان.

○

اُپڙي جهاڳيم اَڄ، اُسري جهيڙيم جهنگ سان،
اڳيان ڏونگر آفتون، پويان بَر جي ٻَڄ،
ڪوهياري جي ڪَڄ، ساريو، لُرَ لنگهيو وڃا!

○

(2) ٻاروٽڻ هو ٻار ۾، جوڀن، جهنگ، جبل،
اندر اڏمو عشق جو، آٽَميو، اڻ جهل،
اڀل هڏ سڀل، سَگهِي سِڪ ڪري وڏو.

○

---

(1) دريائي جانور. (2) ٻار: تار پاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

ساجهر سيسر سِير جا، سانجهي،ڏونگر سَپ،
جيڏا وڏا پروسا، ايڏا ڏگها ڏپ،
گهڙي گوندر- گپ، گهڙي، پاهڻ پٻ جا.

○

وڙهن ويرون سِير جون، رَنڊِن لُڪَون، لَڪ،
توهر هٽن تقڙون، کپر پائن چڪ،
اورانگهيو اِڳتي لنگهان، ٿَکر سمجهي ٿَڪ،
اٿم پُوري پَڪ، "پهتس پهتس" او پرين!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙي ڪانہ سُجهي، سسئي جهڙي سُورمي.

پنيبون ڪوڙ پنيور شهر ۾، ڀڳڻ اور ٻجهي!

هوتن لاءِ ولاڙون، ووڙون، ماڙين منجهہ منجهي.

سوچڻ ساڻ سياپو گهاتو، لوچڻ لاءِ لجهي.

جيئن تي ڪيچ نهاري تيئن تي، ٻوڙي ڪانچ ڪُنجي.

جنهنکي سيج سڄڻ جي ڪوني، رڻ ۾ ڪيئن رُجهي!

بر کي باغ بهاري سمجهي، پر جي هوت هجي.

جيتر جوت ٻخاري جڳ ۾، ايتر ڪين اُجهي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توٽي ڳٽتين ڳاري،
توٽي ڏکن ڏاري،
سستئي تي سوياري.

ائي ڙي نينهن ودي ايئن جيئن ڪا، آلي ڪاٺي آري.

هڪ جا هوت هٿن سان لاتي، ٻي جا جوين ٻاري.

جنهنجي لال لهوءَ جون ڦهنگون، ڇِپَن تي گلڪاري.

جنهنجي لال چُنيءَ جون جهنڊيون، جرڪن تاري تاري.

بَرن ڪان بازار بخاري، نينهن جي ناماچاري،
سستئي تي سوپاري.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

داستان پيو

سِڪ اجا سُرهاڻ، سَتائي بہ نہ ساث تي،
پينر هِت پنيور ۾، هُلي وئي هڳساڻ،
آريءَ جا اهڃاڻ، اديون آڳاهان هئا.

○

ڪنئي ڪستوري، وڻجاري وٽڪار ۾،
مهڪِي مشهوري، پينر، شهر پنيور ۾.

○

خوشين جي خوشبوءِ، اُنن، ڳوٺن مان اچي،
جاني جَت ڪري چڪا، سُرهي ساري جُوءِ،
سي سڀ رُوءِ بَرُوءِ، جيڪي سوچ- سنيار ۾.

○

هاريندو هُٻڪار، آيو سُرهو قافلو،
مَهڪيو ڏينِ مبارڪون، واتون ۽ وٽڪار،
عطر جا انبار، پينر کوڙ پنيور ۾!

○

خوشين جي خوشبوءِ، ساٿين آندي ساٿ سان،
جَتن جي جهونگار تي، جاڳي ساري جُوءِ،
هيڏان، هوڏان هُوءِ، اديون، عشق عنبير جي!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

هُلي وئي هُوءِ، گهرَ گهر عشق عنبير جي،
سُرهي سنڌي هِير سان، بلوچي خوشبوءِ،
خير عافيت جي خوءِ، ملڪن ۾ مهڪي وئي.

○

هيڪاندي هبڪار، پکڙي آر ءِ پار وئي،
سسئي جي هر ساهه سان، ايري بُوءِ بهار،
گهٽين ۾ گفتار، محبت مند اچي وئي.

○

هُتان جي هڳساڻ، ڳنڍي، سنڌ- سڳنڌ سان،
اوير، اولهه عشق جي چَمڪي تي چانڊاڻ،
ڳيچن جي ڳاڙهاڻ، ڪينجهر، ڪيچ رڱي ڇڏيو.

○

ڪوهيارِي قربن، ميداني محبت ڪئي،
برن ۾ بازار تي، جبل تا جرڪن،
ميڙا تا مرڪن، ڳايو راڳ سهاڳ جا.

○

پرينءِ اوتيا پُورَ، مندون عيدون ٿي ويون،
ساجن ايندي سُورَ، واچُن ۾ وٽڙي ويا.

○

ميندي لاتي مُنڌ، پميي هٿ پنيور ۾،
ساڳيا لال سڳنڌ، وَنديا تي وٽڪار ۾.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

وينگس واسيا وار، ڀُنيءَ رات پنيور ۾،
وئي سا وٽڪار، سُرھي هير صبوح سان.

○

نيٽن منظوري، گھُوري، گھورڻ ڪي ڏني،
دل، دل جي دُوري، مُرڪڻ سان ميٺي ڇڏي.

○

اڪيون، سوگھا ٻک، دليون، مِليون وَليُون،
ڪشش مٿان ڪِڪ، رکي، رَڪبا ڪيترا!

○

آرياڻيءَ جو آر، پرٿياڻيءَ جي پيار ۾،
پرٿياڻيءَ جو پيار، آرياڻيءَ جي آر ۾.

○

ڪيچي، ڪيچ گھمي، پونءِ نري پنيور جي،
سسئي ڪين سمھي، ڦِٽي ننڊ ڪوھيار جي.

○

پرٿياڻي پَنبي، گھُوري ڳاڙھي گھوٽ ڏي،
جوين، جوين جي اڳيان تاڻي ۽ تنبي،
قول انھي ڪَنبي، پرديسي ڪھڙا پرين!

○

سورج ٿو ايري، سسئي نڪري سامھون،
گھُوري ڳاڙھي ڪنوار ڏي، آري ٿو اُڏري،
اُجريو ٿو اُجري، پينر، شھر پنيور جو.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

هِن جي آڏو هوءَ ۽ هُن جي آڏو هِيءُ،
جيڏا، گڏجي جِيءُ، جوڀن، جوڀن کي ڇيو.

○

جلوا پريان، جوت ۽ جذبا اوريان جوت،
اکين، اکين تي ڪئي، اتان ڪيڏي اوت!
ڇُهڻ ڪهڙي ڇوت، پارس سان پاسو لڳي.

○

لڳين لڳ لڳا، نچيون رڳون نينهن جون،
دليون، دهل وڳا، جوڀن پائڻ جهومريون.

○

اصل اڏو اڏ، جُڙي جوڙ عشاق جي،
سدا اها سَڏ، سڄڻ ميل، سچو ٿيان!

○

ڪٿيو ڪٿياٽي، اديون، پنهنجي عشق ۾،
ڏوتا آرياٽي، ميرا، شهر ڀنڀور جا.

○

آءُ ٿي آهيان سسئي، آءُ آهيان آري،
گونجي ڪيچ، ڀنڀور ۾، وائي مون واري،
برهه بخاري، گهورو، گهربل پاڻ هو.

○

Scanned with CamScanner

○

ميندي ءَ جي مهڪار، واسيو شهر ڀنڀور کي،
هِتان ڪان هالار ڏي گيتن جي گونجار،
ڪينجهر ۽ ڪُهسار، سوچن، جُڳ صدين جا.

○

ساڳيو ڪيچ ڪوهيار هو، ساڳيو ياڻ ڀنڀور،
پنهنجي جلوي تي ٿيو، پنهنجو جذبو گهور،
شهر شهر شور، پَڙهو منهنجو پيار جو.

○

پنهون منهنجو پيار، سسئي تنهنجي سونهن آ،
ڪينجهر ۽ ڪوهيار آ، سڪڻ جو سنسار،
وِرهه جو واپار، سُرهي سُڄَ ڪري پيو.

○

جبل، جهنگل، جانور، واٽن، واريا سي،
هيڏي وينِدي، هوت کي ڪوبہ نہ ٿو ٻاسي،
پرين هر پاسي، سيڪو چوي سسئي!

○

آيس تو وٽ واس تي، ونگيو تو تي واءُ،
عاشق ۽ معشوق جو هُليو هِڪ هڳاءُ،
پڙاڏو، پڙلاءُ، هيڏان، هوڏان عشق جو.

○

Scanned with CamScanner

○

اچي ٿيس آباد، سسئي تنهنجي سونهن ۾،
بگر ٻر ٻنيور جي، ڀمڀي، مان برباد!
نگر نگر ناد، وڃي منهنجي نينهن جو.

○

مون آندي سُرهاڻ، تو لاتي لالاڻ،
چمڪائيسين، چاهه جي چوڏاري چانڊاڻ،
کهڙي ڪنهنجي ڪاڻ، پاڻ ڇُٽيوسين پاڻ کي.

○

پيرن هيٺان پٽ، مٿي مٿان آسمان،
قلزم جنهنجي ڪڇ ۾، محبت مَئي جو مَٽ،
سورج سِرَ تي ڇَٽ، ڏوهڻ، در تي ديوتا.

○

جهنگل منهنجو جنڊڙو، جبل جگرڙو،
(1) انبر نظر، سهڪندڙ سينو ساگرڙو،
دز ڏڏڙ ذرڙو، مهڪايان سنسار کي.

○

عشق منهنجي جوش ۾، حسن منهنجو هوش،
(1) جنّت منهنجي جهد ۾، دوزخ منهنجو دوش،
پنهون اتم پوش، آهيان پاڻ الاءِ ڇا؟

○

---

(1) انبر: آسمان. (2) دوش: ڏوهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

(1) آري ۽ گاذر، گڏيا آنگن عشق ۾،
ياڪر ۾ جيئن پونءِ جي، صحرا ۽ ساگر،
عرض ۽ جوهر، محبت، محنت ميڙيا.

○

(2 ۽ 3) آءُ ئي عرض آهيان، جانب تون جوهر،
دل– ذرتي منهنجي ڪٿي اورانگهيو انبر؟
مغز ۾ محشر، ٻاهر شهر ڪنيون گهمان.

○

ڏونگر ڏنا ڏوجهرا، ساگر ڏنو سُڪ،
رڻ ڏي ڪري رُخ، ايـن ڏي اڏري وجان!

○

راهُن ڪيون واهرون، وٹن آچي ڇانءَ،
(4) جَرن اُجامر ڏنا، ترن ڏنا ٿانءَ،
جاني، تنهنجي ٻانءَ، جيوَن جهد گهٽا ڪيا.

○

جبل ڏنيون جاڳهون، جهنگل ڏني جوت،
وَڏي ورهه– ولوڙ مان، ڳٺن جي ڳَڻ– ڳوت،
اچي ڪيم اوت، هتي نالي هوت جي.

○

لونءَ لونءَ اندر لوڙ، پنهل تنهنجي پيار جي،
ملڻ وارا ڪيترا، ڪِلڻ وارا ڪوڙ،
جهڙي تنهنجي جوڙ، اهڙو آري ڪونہ ٻيو.

○

---

(1) گاذر: ڌوٻي. (2) عَرض: ٻي شيءِ جي وجود تي مدار رکندڙ.
(3) جوهر: اصل. اها خاصيت جا ٻي شيءِ تي مدار نہ رکي.
(4) اجامر: آب، آب حيات، امرت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

ڀڳڻ ڀيا ٻه ڀروچ پر پُنهل، پنهل پاڻ،
محبت، محنت، همّتون، صورت، سيرت ساڻ،
آريءَ جو اهڃاڻ، سُرهي، سُڄ ڪري پيو.

○

ڀڳڻ ڀيا ٻه ڀروچ پر آري عاليشان،
واسي خاص ڪتور سان، بازر ڪان بيبان،
محبت، محنت، مانُ، تيئي تول اڏول وت.

○

ڀڳڻ ڀيا ٻه ڀروچَ، هوتاڻي جو هيج ڀيو،
ستيِ هليو ساٿ سان، ليڙا پري لوچ،
سِڪَ، سنوارِي سوچ، ڪوهيارو، ڪارون ڪري.

○

ڀڳڻ ڀيا ٻه ڀروچ پر آريءَ عشق عجيب،
محبت ساڻ مريض ڏي تاڻي پاڻ طبيب،
اهڙو نينهن نصيب، قسمت سان ڪنهن کي ٿئي!

○

ڀڳڻ ڀيا ٻه ڀروچ پر اوچو آري چامُ،
خاصو، خاصن کان گهٽو، اُو جو چاهي عامُ،
نغاري تي نامُ، اوچو وڃي عشق جو.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

ڀڳڙ ڀيا ٻه ٻروچ پر آري اُچّترو،
ڪرا ڪوڙ جهان ۾ ڪرن ڪان ٻه ڪرو،
ڪيئين ڪيچ- پنيور کي پينر، پاٽيرو،
ڳٽن منجهه ڳرو، هلڪو سانڍڻ هانءَ ۾.

○

کهڙا قول ٻروچڪا واري ورجايان،
هڪ هڪ ٻولُ اتور ٿيو جي ٿي تورايان،
ڳايان، ڳارايان، اديون، ڳڻ عجيب جا.

○

ڀڳڙ ڀيا ٻه ٻروچ پر آري آهي آتورُ،
سورهيه سهڻو سُرتيو، مڙني وصفين مورُ،
اهڙو طالع طورُ، صدين ۾ سامائجي!

○

آري آهن اڻ ڳڻيا، منهنجو هوت هڪو،
لکين وڻٽي لوڪ ۾، لالڻ ڪين لِڪو،
صبح، سانجهه ڦِڪو، سورج ان جي سامهون.

○

ڀڳڙ ٻار ٻروچڪا، ننڍي ڪان نپجن،
پڙهن انگ پتائتا، سورهيه سِت سکن،
ننگن لاءِ لڙن، ڏيهن تي ڏڏڪا ڪري.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

داستان ٿيون

سسئي تنهنجا سرسلا، تڪڙا اج تائين،
جوشيلي ٿي جاچ ري، پيچ چري پائين،
سڏين سي سائين، جيڪي ناهن جُوءِ جا.

○

سسئي اوڳي ايتري، چو تون اج تائين!
پڙهي پُرجهي پاڻ کي صحيح سمجهائين،
جتي پاڙ پريت جي، اتي لڏُن لائين،
پوءِ نہ پڇتائين، هٿين هوند نہ هٿڙا!

○

"سسئي سسئي" جي سڏان، پنهونءَ کان پهريان،
"پنهون پنهون" پئي ڪريان اُپي آءٌ امان،
منڙا گهُر تہ گهران، سِڪي آهيان سوچ کان.

○

پنهل مان پاريان، تنهنکان پهريان پار تون!
اوريان مان ڏاريان، پريان ڏونگر ڏار تون،

○

اُتم جي آري، اديون آءٌ بہ آڪِري،
محبت، ذات، ڪذات جي مهند کان ماري،
نَر توڙي ناري، ڪُلهي جوسِي قرب ۾.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

منهنجي لاءِ مقام، پريو شهر پنيور جو،
آريءَ ريءَ اديون ڪريان ڪنهن سان قرب ڪلام،
سرتيون هاڻ سلام، ترسو، آءٌ تکي گهٽي!

○

مون لئہ ماءُ، مساڻ، پنيو شهر پنيور جو،
جيجل، جانب ري ڪريان ڪنهن سان روح رهاڻ،
تنهنجو راڄ تُساڻ، منهنجو ڪاڄ ڪوهيار ۾.

○

جيوَن تيسين جَسُ، جيسين تات جَتن جي،
پرينءَ ڪارڻ پَنڌ ۾ مَرندي ڪانهي ڪَس،
سسئي، سچ ۾ وَسُ، مجون تنهنجو معجزو!

○

ڏرتيءَ متي ڏاريا، ٻُڌءِ جڏهن پول،
پِنڊي ۾ پهرين نہ پيئہ، تاريخي ڏانڊول!
پوري تنهنجي پول، ڌرتي ڏاڙائي چڏي!

○

ڌرتيءَ متي ڏاريا، علحدا آواز،
سٽي سسئي تو ڪنيا رهندو سُرندا ساز،
انهي اوچي انداز، مونجهي، مارائي وڏءِ!

○

○

ڏرتيءَ مٿي ڏاريا، ٽيڏا ٻڏءِ ٽهڪ،
آيئہ ڪانہ اتهاس جي ساڃهہ سرت سَمڪ،
ڏَکن مٿان ڏَڪ، سَنا اٿئي سوچ ري.

○

ڏرتيءَ مٿي ڏاربو، ڦرندو ڏنئہ ڦند،
هر ڪنهن لاءِ هروڀرو هانءُ ٻٽايئہ هند.
اوڳي ڏسي، اند، ڏاريا ڏوڏ ڪري ويا!

○

ڏرتيءَ مٿي ڏاريا، پوندا ڏنئہ پير،
پرکين ها سوچي سِگهي، پلا، پيلا پير،
تون پاڄهاري پولي ڪرين، هو وجهي وينا وير،
صبح کان بہ سوير، ڏاريا ڏوڙ ڪري ويا.

○

ڏرتيءَ مٿي ڏاريا، مَرڪندا مهاندا،
نہ هو تنهنجو هَڏ ها نہ ڪي ها آندا،
اکين تي ٽاندا، توکي رات رکي ويا.

○

ڏرتيءَ مٿي ڏاريا، ڏنئہ جڏهن ڏِيل،
ٻُڌو سمجهو تو نہ چو ڪُڏو قال ءِ قيل،
مجين وينيئن مُنڌ تون، دوکيباز دليل،
عذر ساڻ عليل، ساري سِيم ڪري چُڪا.

○

○

ڌرتيءَ متي ڌاريا، ماڻهو ڏڻئه ميڙ،
جيڪو تنهنجو چاهه سو مهمانن جي چيڙ،
توکي سهج سهيڙ هو چاڙن اوک- اڊيڙ،
پَٽَر پـَتـر تـيـڙ، هـاڻـي اتـئـي پـنـڌ ۾.

○

سياڻي تي سسئي، پنيان ڊوهه نه ڊوڙ تون!
جيڪا نڪتي جهنگ ڏي، موڳي، چڻ نه مئي،
هُن جي پريت هُئِيُ، چِني هينئن چڏي نه ها!

○

سمجهان تي سَرتي، ڏادي، ڏير ڪري ويا،
هٿان مور نه حقَ ڪان، ڏڏي پئي ڌرتي،
پنهونءَ ڪي پَرتي، سهڪي جي سسئي مُئي.

○

محبي جي مائي، آئي ڏاهي تي اتي،
بيني آهين بنهه تي، نانگي نِيائي!
سِر تان سانگو چو ڪٽي، ڀهگڻ تي بائي،
وجڻ جي وائي، چڏي ويهه چَني ۾!

○

سڪڻ ۽ سانگو، سُگهڙ، ناهي سوچبو!
اصَل ڪان ئي عشق آ، نشانبر نانگو،
سهانگو ووڙڻ، وڏڻ، موتڻ مهانگو،
ڊيڊر هي ڊانگو، هـونـدو ڌاران هــوت جي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

جَهل ڪيس جيجل، وجهي ڳل ڳراتڙيون،
پرديسي پويان نہ ٿي، گهر- راڻي پاڳل،
ڇِتا جهنگ، جبل، ڇيهون ڪنڍِ ڇوڪري!

○

ڇا جي آئون ڇوڪري، آهيان زال اٽل،
امڙ، منهنجي عشق جا، سيئي انگ اجهل،
ڇا جا جهنگ، جبل، آءٌ تان اُبّ ٽپي وڃان!

○

پهچي، روڪيس پيءُ، ماڙهي، هوڙهہ ڪري نُہ وچ،
موٽي محلي ڏي هلي، جرڪي گهر ۾ جيءُ!
رُجون، اُجون راهہ ۾، ڏوڏا، لوڏا ڏيءُ!
ٽانيڪي هِت ٽيءُ، پاڻهي هوت پڇا ڪندو.

○

او قبلا، ڪعبا، شايد عشق ڪيو نہ تو!
تڏهن تو تڪڙيون ڪرين باتيون هي بابا!
مڃائن تا مڃّ ڪي هي دڙڪا، دابا!
جهَجهڙ ۾ جانيا، موٽڻ جون منٿون نہ ڪر!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

داستان چوٿون

اُتي آڌيءَ رات جو ويـنـي ويچاري،
ڪاتي منهنجو ڪانڌ، هي ٿاٺو تو ٿاري؟
مونکي تو ماري، جيئاري پـَر- جنـدڙو.

○

اُتي آڌيءَ رات جو، گهُوري بيني گهرُ،
ٻَهران آهي ٻيڪڙيل، ڏهرو ساڳيو دَرُ،
وربو ناهي ورُ، ويريـنِ وَرِ چڙهي ويو!

○

گهوڙا ڙي ڏاڙو، هاٿو حقّ ڪنيون وجن!
ٻوڙو ٻُڏي ڪونـ ٿو، ٻوڪارون ٻاڙو،
رڻـن ۾ راڙو، سسئي، رات سَڙهِي وئي.

○

هائي، هِيءَ ويڏن! ڏاڍي ڏير ڪري ويا!
سسئي ڪي ساڙي وڏو، مُنن مزمانن،
مونکان چِني مَنُ، هاٿو، هاڻ ٻگا وجن!

○

پٽڪيو پليڪار، مُرڪيو مهمان ڪرين،
ٻاهر چهرا سوجهرا، اندر انڌوڪار،
نيمڪ ڪائي نار، تهبارون توکي ڪندا.

○

○

ڪاري قيامت، ڌرتيءَ تي ڌاڙو لڳو!
مون پانيان مهمان، هُو نِسورا نافت،
تپي ڪا طاقت، ڌاڙيلا ڌوڪي چڙهي!

○

ڏچا، ڏنگا، ڏير، ٻُرا نڪتا ٻي وڙا،
قدر ڪوڙهين ڪي، جيئن ڪاريهر ڪي پير،
پنهنجي گهر سان وير، سي ڪي مِٽَ مُنهائئتا؟

○

پاڪاريوم ٻَري، اُلون اُبّ اُڏي ويا،
شايد شهر پنيور ويو، مونچو هاڻ مري!
واهر ڪانه وري، ڌاريا ڌاڙ ڪري ويا!

○

جيڏو در ڪان دُور، تيڏو وَر ڪي ويجهڙو،
سسئي سمجهي چڏ اهو دلوارو دستور،
تيتر سَڙهي سُور، جيتر ساهه سُرور ڏي.

○

ڌاڍن، ڏنگن، ڌوجهرن، ڏجهن آءُ ڏنگي،
ريتن سَنڌ سلهاڙيم، وهمن چيلهه ونگي،
در در هاڻ دنگي، هوڪارينديس حقّ لئي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

ڏاگهن کهڙو ڏوهه، ڏيرن، ڏنگ وڏو ڪيو،
جتن جيڏو جانور ٻول نہ چاڻن ٻوهه،
ڪرها ڪندا ڪوهہ، واڳون ويرين هٿ ۾.

○

ڏاگهن ڪيو ڏوهہ، ڏيرن ڏاڍ وڏو ڪيو،
لُٽيءَ لِگڙا تاڪئان، لُٽيرن جا لوهہ،
ڪامڻ ڪاٽي ڪنئرڙي، روهيلن جي روهہ،
اصل کان اندوهہ، نازڪ، نِنڊڪ کان هَڇي.

○

گينواري گيسر، نارِيءَ ننڍ نياڳ جي،
سَنجهي سُتي سيج تي ويڙهي ڪا ويسر،
جاڳي ها جيڪر، ماٺي ها موجون گهٽيون!

○

ڇڏي ڇِتون، ڇرَ، اتي، ڏونگر ڏور ڙي!
ڦورو، ٻاڪُو، ڦُر، فجر ويل ڪري ويا.

○

ڪونِي ڪارِي ڇرَ، پينر پِنب پنيور ٿيو،
گهاٽن ڏاري گهُر، هوندي منهنجِي هوت ڪي.

○

Scanned with CamScanner

○

چا جون چجهريون، چا جا چاچا، چانءَ ڙي!
برسن تيون ينيور تي ڪاربون ڪُمهريون،
تتيون ترسن ڪين تيون اڪيون ابهريون،
ڪيچي ڪچهريون، ڪندا مون سان ڪوهه ۾.

○

چورِي اُت، نہ ويهہ، چَنن ليتن چيگريون،
نِڪري گهنگهر- گهُٽ مان، پُرجهي پَدر پيهہُ!
چير ناهي چيهہُ، پِرينءَ پارُ اجا پري!

○

ويهڻ ڏوهہ، نہ ويهہ، چيَر وجهہ چيول!
يميي، تون يونچال تي، هاڙهي هانءُ ڌنڌول!
يَجج جبل يول، لنگهج لَڪَ لتون ڏئي.

○

وڪ وڪ.تي وسواس، تون ڪيئن سسئي سُورمي!
يوري باس نہ باس، ووڙج، وَس وڏا ڪري!

○

سوچون، سعيا سچَ ۾، وسهن ۾ وسواس،
يميءَ ڪي يميور جا رَسَ نہ آيا راس،
وٹين، واتين واسَ، ڏوريندي، ڏيندي وئي.

○

Scanned with CamScanner

○

سسئي هيڏي سچ ۾، ڊڪي ۽ ڊوڙي،
توڙي واٽون ويھہ ٽيون، واٽ وڏئين ووڙي،
ڪُڙيون، پپ ڪوڙي، هاٿي هلندي هوت ڏي.

○

سسئي ٽتي سُچ ۾، ڊوهہ ڏسي ڊوڙي،
ڪُوڙو پاڻي رُڃ جو پانيڻ ڪي ٻوڙي،
پِنڪي هڪڙي پلڪ جي، لوڙ اڃا لوڙي،
روڙيو ٽي روڙي، ٽندون پنهنجي نرڙ تان.

○

(1) ساڙي ويو سوپو، پينر، منهنجي ڀاڳ کي،
ٽُٽيءَ کي کهڙو لڳي ٽاڪو ۽ ٽوپو.
چُرن کي چوپو، ڏينديس ريٽي رت سان.

○

(2) ڪِني پِنڪي ڪُپُ، چني هوت هٽان ويا،
توکي مونکي اپ ٽو، ڪديو گندو گُب،
ڪري سعيو سپُ، حق هٿيڪو مان ڪريان!

○

ڊوڙن واگهہ، بگهڙ، شُوڪن نانگ ننديا، وڏا،
گهاٽي جهڙ جي اوٽ ۾، جهارا ڏينِ جهڳڙ،
مٿان ميڙ مڪڙ، ڏوبڻ ڏنا ڏنڊ ۾.

○

(1) سوپو، ٽوري نندڙي، پنڪي، ڊِٺونڪو.
(2) ڪَپَ: ٺياگ، بدبختي ندورائپ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

ڪُمهلي ڪُجهڙ، هوءَ تي ووڙي هوت کي،
سسئي سڏ سنمهون ڪري، واتون وَرَ وڪڙ،
تيڏي مُنڊ تڪڙ، جيڏي هوڏ پهاڙ کي.

○

يڪي ڪاهو ڪاهہ، ڏوڏيندي ڏرتي هلي،
منهنجي اُڄَ تباهہ يا سڄي سُڄَ تباهہ،
آتل عشق اتاهہ، تَڪَر، لَڪَ ٽپيو وڃي.

○

ڏاڍا سوڙها لڪَ، پاسا گسن پٿرين،
چِپون چِلن چاتيون؛ چُڪون مارن چڪَ،
ڊڪان سامهون نڪ، سڏو پهچان سڄڻين.

○

لڪن منجهان لنگهَہ، قبر وچان پيچرو،
ڏنگن تِکا آنگهہ، جُلن جنگهون چامر ڏي.

○

چارا وڪڙ، وَرَ، ڪاريهر چڙ ڪَنڊ ۾،
سامهون پيلي سُڄَ تي اگ جهليو ازگر،
پاروچي جا پَر، اُلاَ تي اُڏري وڃان!

○

Scanned with CamScanner

○

ڏاڍا ڏکيا لَکَ، ڏِسيو ٻُتُ ڏکيو وڃي،
اُپيون چاڙهيون اوڀريون، ڏاکڻ نہ کي ڏکَ،
ها پر ڪارڻ حقّ، ڏاري وڃهنديس ڏونگرين!

○

سسئي ٻوڙي سُج ۾ هوڏي ۽ هيڏي،
ٻوڙا ٻُوڙا ٻُوهہ جا، ڪُوڪ ڪري ڪيڏي!
انڌا پاهڻ، پاهٽيون جُوهہ وجهي جيڏي،
جاني تس جيڏي، تاٽيندي تيڏي وڃي.

○

سسئي سورهيہ سج ۾، ڏُوهہ ڪري ٻوڙي،
جوتون، جيتون، جرئتون جيءَ منجهان جوڙي،
توڙا منجهند تاڪ جو تاڪي ۽ توڙي،
آڙي، آهوڙي، پِرينءَ پير ڪٽي هلي.

○

هاڙها، تنهنجي هوڏَ، چِٽي پير پٽون ڪيا،
سِگهو ملان سات سان، ڏُڪان منجهان ڪوڏَ،
لَڪان، تڪيان لوڏَ، ٻاروچاٽي تور جي.

○

جبل، پانيم جورُ، ڪندين جبل جيترو،
سارو سات ڳهي وئين آهين آدمخور،
توسان منهنجو طور، هاٺي هوندو ڪو پيو.

○

○

وَر تڪي، ويرَ تڪي، تڪي پٿون پير،
مهريءَ ڪان مَهري تڪا. مَهرين ڪان مُنهن مير،
اُتي پاڻ اوير، لوئي لتي سجّ ڪي.

○

گهڙي مان نہ ڪَڙي، سهڪان، ڊوڙان اڳيري،
وجهان وِڪ، وڏي وِڪون، اهنجو پنڌُ اڙي!
ڪريان ڪيئن ٻَڙي، ساجهر سِجهہُ ٻُڏو وڃي!

○

منجهند مان هُن هنڌ، هاڻي هت هِن هنڌ،
اڳتي ڊڪندي تي هلان، سُنگهندي پير سڳند،
پيش پنهونءَ جا پنڌ، رَندَ رڱيندا تا وڃن.

○

لڙي پيهري، منجهند مُنڌ پَري، چڏي،
تڪر تاڪيندي وئي، تري تپهري،
ڪيڏي ڪُمهري، ساجهر سجّ لٿو وڃي!

○

ساجهر سِجّ مرَ لَڙُ، توکي لڙندي لڄّ ٿئي!
نہ ڪي پير پٿون ٿيئي نہ ڪو ڏَڪيئي ڏڙ،
چڱو پلو پڙ، سويرو ديرڪيو وڃين!

○

○

سورج ڪج سنگت، ڊُرڪ نہ، اُتّ، ڪڙو بہ تي!
ڪني هلون ڪيچ ڏي اورينداالفت،
پار ڪريون پربت، پَرتي پنڌ پتوڪ جا.

○

ساجهُر سجّ مَ لَهہُ، توکي لهندي لجّ ٿئي!
صبح سان سنگت ڪيئي، ڪنو گڏجي ڪَهہُ،
پڪو ڪريون پهہ، مِلون، پوءِ لهون پلي.

○

وچڙي سجّ مَ وِچ، رَليا هلون روهہ ڏيِ!
بيٺي سِجّ رسان پسان، آس نہ پَجٽا، پچَ،
مِنٿ پچاڙي مچ، پريٖنءَ چئجان: پنڌ ۾.

○

سجّ نہ لهہ ساجهُر، جبل مان جهاڳي ونان!
تون چو تڪڙو ايترو، مُئا، مون وانگر؟
آريءَ جو آڳر، پسان، پوءِ نہ ٿو ڪيين!

○

ڏسي ڏيل اگهو، ڏونگر تو ڏادو پڏين،
ٽيندو تو ويتر وجين ڏينهون ڏينهن ڏگهو.
منهنجو ست سگهو، سيني ۾ سِيرون ڪندءِ!

○

○

سويرو سينڌو، هوند لڪّ لنگهي ويو،
(1) اويرو اينڌو، سڙبو، منهنجي سامهون.

○

ڪيچيءَ رِيءَ ڪچي، جڏي منهنجي جندڙي،
پنهل ساڻ پَڪي، جبل منهنجي جند ٿئي!

○

ڪُوڙا ڪوهيارا، سيڻ ڪيئہ چو سسئي!
بر ۾ بوهيارا، هاڻي تيندءِ هوتَ ري.

○

ساجهر سويرو، اتيس ڪانہ، اوير تي،
ڏوربندي ڏهڪار ۾ ڏينهن پَتيو ڏيرو،
سورج سامهون ويو وهي، پڳو چند پيرو،
گهگهہ ڪيو گهيرو، وهندي ووڙيندي وجا.

○

گهُگهہ ڪيو گهيرو، سجّ لهي ويو روہ ۾،
ويڙهي تو وٽڪار ڪي، انڌو انڌيرو،
پريںءَ جو پيرو، جهڙو چند چُري هليو.

○

پِتيا سجّ پيلا، اِجهو تو اوندهہ ڪرين!
ڪُهتيون واتون ڪوهہ جون چُرون، چگهہ، چيلا،
هوتن لئہ حيلا، ڪنديس ڪاري رات جو.

○

(1) اينڌو: سينڌو جو ضد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

جرڪن ٿا جهڳ مڳ، جيڏيون پير جَتن جا،
چارو چانڊوڪي لڳي، پُونم پرينءَ پڳ،
دل ڪان دل جا ڏڳ، ڏسان ٿي ڏوران ڇِتا.

○

پُنهون تنهنجا پُورَ، ڇپن تي ڇُرندي وڃي،
جتان منڌ ٿيي اتان ٽڪّر ٽيندا ٿُورَ،
جوتيون چڪنا چُور، قدمن ۾ ڪِرنديون ويون.

○

(1) قمر جا ڪِرٽا، ڏسٽيون، ڏَسن: هو پرين!
جبل جا جهرٽا، ڳائن راڳ: اَڳيان پرين.

○

سجّ لٿو، ناسيون، شاخون منهنجي شوق جون،
سورج، سجّ سجي لڳي، راهون ڄڻ راسيون،
پِنيون ٿي ياسيون، جوتون، مونکي جَت لئي.

○

سُورج لام لڙي پلي، لوچڻ ڪيم لڙي
جِيوَن چڏيم جيڏيون، جَتن ساڻ جڙي،
ٽڙپ تيز تڙي، هر هر هڪلي هوت ڏي!

○

(1) ڏسٽيون: آگريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

سانجهي، سِجُ ٻُڏي تَڪا، سِڪڻ ڪين ٿَڪي،
تارا چمڪن تا ٽِٽِين، تنهنجو ماڳ تڪي،
رڻ ۾ رات ڏَڪي، ننگي نڪتي آهيان.

○

اڀريو نينهن نئون، ڇا ٿيو سجُ لٿو ٻه جي،
هي جو سجُ سنئون، سجڻ آهي ساڻ مون.

○

هوڏانهن سجُ اجهامر، هيڏان عشق اُلانبيون،
جيتر جوتون جيءَ ۾ ٿيتر ناهه تمامر،
هر هر چاپي، چامر، جيڪر نينهن نيائيان!

○

ڇوري، ڇانءَ ٿڌي، هائي تنهنجي هانوَ لئي،
ٻُوٽي ٻوٽي ٻانيٽي، تنهنجي ڏڪَ ڏڏي،
پارڻُ ساڻ ٻَڌي، ڪاهي پئو ڪهسار ۾.

○

ڏونگر پنهنجو ڏيل، ڏسيو ٿو ڏاڍو پڏين!
جوالا جلهون ڪندءِ ٿيندين زور ذليل،
تباهي- تفصيل، ايندءِ ستت سامهون!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

واڪن تي واڪا، ستيندي سسئي وئي،
ڏڪّن مٿان ڏڪّ ها، ڏاڪن تي ڏاڪا،
چڙهندي چاڙهاڪا، ڪَهندي ڪوهيارو وِئي.

○

پکيءَ جو پاڇو، سسئي ڏٺو سُجّ ۾،
پُنهونءَ پاراپو، اُڏاڻو مون ڏي اچي!

○

سسئي ٻُڌي سجّ ۾، الهامي ٻولي،
اندر مان آواز تيس: ڏونگر تئي ڏولي،
جَبل جي جهولي، پاڙو پُنهونءَ چامَ سين.

○

آڏو ڏنگا لڪّ، پريان ڏيهہ پُنهونءَ جو،
ٿيان تاندن تَڪ، پسان باغ بلوچ جو.

○

لنگهڻ آيم لڪّ، ڏورڻ آيم ڏاڪڙا،
وڙهڻ لڳا وسوسا، شوڪڻ لڳا شڪ،
اٿم پوري پَڪ، ايندم آري اوڏڙو.

○

آري آري پٽي ڪريان، آري آهيان آنءُ،
جيڪو هندُ حبيب جو، اهو منهنجو هانءُ،
نينهن ٿي آهي نانءُ، منهنجي، ذات، صفات جو.

○

Scanned with CamScanner

○

پنهون پنهون پئي ڪريان، پُنهون ڏئي نہ سڏُ،
جيڪو گوڏي گڏُ، تنهنکي هوڏي چو سڏين؟

○

ڏونگر ڏنيي هڏُ، ساجن سڏي سيج ڏي،
هجڻ، سجڻ گڏُ، اتئي سسئي عشق ۾!

○

سسئي ۽ سُجَّ، پئي پرنديون مون ڏنيون،
اُجي، چايو اُج، جيري ۾ جُلندي وجي.

○

ساجهُر سجّ لڙي، وچين تو ويجهي ڪرين!
لمحو لمحو لک جو، آمُل اڌ گهڙي،
رهڙيان پنڌ رڙي، سورج تو سانجهي ڪري!

○

نڪتي پير ننگي، واڪيندي وڻندي وجي!
نانگن ڏنگي تيز تي، جهنگن ڪانہ ونگي،
ڏکيا لڪ لنگهي، ڏوريندي ايڏهن وئي!

○

گهر ۾ ناهي گهَت، پاهر تتّي چو تڪين؟
وڻون هڙ تو وت، ڪيچي تنهنجي ڪچ ۾.

○

Scanned with CamScanner

○

صحيح ناهِ سجاڻ، تو ڪئي پنهنجو پاڻ سان،
توکي ٻاهر تاڻ، اندر- ڏيهہ ڏنو نہ تو!

○

ڏاگها، ڏونگر ويو ڳهي، چارا ڳِتا رات،
نہ ڪا پُوچڙ پنڌ ڪي، نہ ڪا منڌ ڪي مات،
ڪُوڪون ڪري ڪات، ڪوهن ڪي ڪُهندي وڃي.

○

هڪڙي اڄَ پرينءَ جي ٻي پاڻيءَ اُڃَ،
سسئي ڪي سُورن ڏني پکڙن وانگر پڃَ،
سڏڪڻ لڳي سُڄَ، پانيڻ ڪي پرندو ڏسي.

○

هڪڙي ٻُڪ اکين جي ٻي بت جي ٻُڪَ،
ڏونگر ڏگها جهنگ ڪان، جن ڪان ڏگها ڏُڪَ،
سسئي ڪارڻ سُڪَ، هاڙهي ۾ حيلا ڪري!

○

هڪڙي آتش عشق جي ٻي لڳي لُڪَ،
نہ ڪو نمڻ نار ۾ نہ ڪو جبل جهُڪَ،
سسئي سِڏو ٽُڪ، چوٽين تان چارا ڪندي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

انڌارو اُجرو، چارو، چاندوڪيون ڪري،
(1) گذريو آهي گس تان، پُنهون پانءُ- پنرو،
سفر ٿيو سُترو، اديون، صدقي عشق جي!

○

(2) ”پنهون– پنهون“، پَٽ، ”آري– آري“، واءَ ۾،
ڏونگر مونکي ڏس ڏئي، هوڏي ڪنيون هٿ!
هُو سڄڻ، هو سَٽ!!، پوري، هانءُ پڃين متان!

○

(3) وِرسيو ڪيچ وڃين، ڪيچي، ڪيچ هِتي اٿئي!
پڇج ڏونگر پول جا، چو تي پاڻ پڇين!
مڃين يا نہ مڃين، مڙئي آهين منڌ تون!

○

ڪهين ڪيچين ڪاڻ، پڇين پير پنيور جا،
پُلي رُلي رڃ ۾، تَتي تنهنجي تاڻ،
ڏجهڻ تنهنجي ڏيل ۾، سڄڻ پڻ توساڻ،
پَرِبل آهين پاڻ، گهورِي، گُهربل، ڪُلّ تون!

●

(1) پانءُ – پَنرو: پيرن سهٽو. (2) پَٽ: ماڳ، مارڳ، چارو، رستو. (3) ورسيو: پليو، ڀٽڪيو، گمراھ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

داستانِ پنجون

پرتياڳي ڪنهن پر، ست رِتين ها سات جي
هيڏي ساري هِڪ- مَنهن هوڙهيائي هيبر!
آڏو ڏونگر، ڏاڪڙا، بگهڙ، بدو، بر،
راهه- ڏُکي، رهبر، سارين ها ساٿي، چري!

○

ڪٿي هو ڪوهيار، ڪٿي ٻَر ٻنيور جي!
”ٻنئر ٻري آڪاس، تي ٻاڙ ڪنور ٻاتار“
سونهن، سِڪڻ اقرار، سنگم ڪان اڳ ۾ ڪيو.

○

ڪٿي چاهه- چڪور، ڪٿي چارو چندِ جو؟
آتو ساهه اتان ڪري، ان سان عشق اتور،
ٻاڪر منجهه ٻنيور، ڪهڙو ٻنڌ ڪوهيار ڪي!

○

گونجن آجا گيت، گڏجي ڪيچ- ٻنيور جا!
چِپّي چِپّي چنگ ها، سعيا، ساز سنگيت،
آهي جيت، اجيت، همّت، تنهنجي هَٿ ۾!

○

اورين ڪان اڳتي وئي، ٻَرين ڪان ٻُنتي،
ڪامڻ ڪي ڪرٽو گهٽو، ٻنڌ اجا ٻَرتي،
ويچاري وچ تي، روهن ۾ رڙهندي وتي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

نہ ڪا پرَ - پَرتِي، نہ ڪا پيڙِي پينرين،
ساتي ڪاتي سَچ ۾، سَرتو يا سرتي؟
ڏوبڻ ڪي ڏرتي، ڏنيون جايون جِيءَ ۾.

○

آجهل اڪيلي، هاڪاري هاڙهي هلي،
پيڻ بڻايئين پِنپ ڪي، سانجهي سهيلي،
بانيڻ سان بيلي، هيٺائي ۾ هوت ٿيو.

○

هوتن حوالي، سسئي ساهہ، سِري ڪئي،
پيارُ، وَهي پالي، هڙ ڏنائين هوت کي.

○

پيئندي اُڃَ وڃان، رُئندي ٿتي رُڃ ۾،
وڃهيو حيلا جهول ۾، پولا سپ پيچان،
مرڻ ڪيئن مِيان، جيئڻ آس اجا رڪان!

○

بعضي پربت- پَڪ، بعضي رٽپٽ وسوسا،
ڪٿي الپ اک کي، ڪٿي سامهون نڪ،
سسئي دِل ۾ ڏڪ، ڪائيندي، ڪِلندي هلي.

○

مهل مهل موت، آمهون سامهون منڌ جي،
هجي هِتي هوت، اجل جا ايڏيون ڪري!

○

Scanned with CamScanner

○

ڏونگر آڪيلي، ڏسيو، ڏهڪايو وجهي!
پـاروچا پـيلي، اچي آڏر ٿينـمر تون.

○

قبر جهڙو اوجهرو، بحر جيڏو ٻـرُ،
اگر انڌوڪار جي ڪنڌي ناهہ ڪَپر،
پينر، يڪـو پَرُ، اتـمر عـشق، الله جو.

○

هـڪڙي گهاٽي ٻاٽ پـيو انڌارو اوتر،
آڏو وڏي هوڏ سان، پڏي ٿو ڏونگر،
ڄِيي ٻـٽجي ڄَرُ، اوتـر سـاڻ اُڏام تـون!

○

جيڏهن پيرُ پرينءَ جو، تيڏهن منهنجو پنڌ،
ڦيرايان چو ڪاند ڪاڻ، هيڏي هوڏي ڪـنڌ،
(1) سڄڻ جـو سڳـنـڌ، ٻـَر ۾ بوراڻـو ٿـيـو.

○

رَهبر سُرهي راهَہ، پاڻهي ڳس ڏسي پئي،
ڪٿوري، ڪٺندو وجي سڄڻ جيڪي ساهہ،
ڪامڻ، اوڏهن ڪاهہ، جيڏهن سَڌ سڳند جا!

○

---

(1) بوراڻو: سونهون، اڳواڻ، رهبر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

جهنگل اوندهه انڌ ۽ جبل، اونده انڌ.
جِتي پير پنهونءَ جو، اهو ٻهڪي هنڌ.
سِڪڻ جو سوڳند، جتان ڪتاڻ سوجهرو.

○

واڪو ڪيو واءَ، هو تو ساٿ هُتان وڃئي!
اوڏهن ڪاهج ڪامٽي، جيڏهن هوت- هڳاءَ،
(1) هو تئي اُٺَ- اهاءَ، هوتئي ساڳو- سوجهرو!

○

چِچري ۽ چِتي، جهنگن، پهٽن جندڙي،
اتم ڪِت وِتي، جيڏي، جِت پَتي ٻَدان!

○

ٻڙي، ڪِت پَتي ٻڌان؟ زخمي ذري ذري!
محبن لاءِ مري، سڪي تيندي سسئي.

○

جهنگل جهڙا ڏاڪڙا، جبل جيڏا ڏُک،
سجڻ ساربان سُک، اڳيان اچن،عيد تئي!

○

اڳيان اڀالا، ڏسيو تو ڏونگر پَڌين!
پري کي پاهيون هٽئي پير ۾ پالا!
جبل، جوالا، اندر مان اپري پوئي!

○

جبل تو جاڙون، اوڙين، پِرين سان ڪرين!
جوالا ۽ جرجلا، پَٽيندءِ پاڙون،
چَپر تون چاڙوءَ، تيٽو آهين مون هٽان!

●

---

(1) ساڳو: ساٿ، قافلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

داستان ڇهون

پلڪ يا ڪ پهر، صديون لڳن سُکَ جون،
جڳن جا جُڳ لڳي، ساعت سخت سفر،
هئہ ڙي هي حشر، پب پب پُل صراط تي!

○

ساري عمر سفر، پنڌ، پهاڙي پيچرا،
ڪوڪا، ڪنڊا روهہ جا، منهنجا پير پٿر،
سرتيون ساڻ سمر، اتمر عشق اٿاهہ جو!

○

لڳ اڙايئہ لَڪ، سوڙهو انگيئہ ساهہ کي!
ڪلهن وٽان ڪاتجان، نِڱا سامهون نڪَ،
اتمر پوري پڪ، نہ تمر هوت گهٽو پري!

○

لڇن لِڳ لَڪن ۾، آريءَ ڏي ارواح،
ڏکن ڏيل وڪوڙيو، سڄڻ-پيڙو ساهہَ،
توڙي تن تباهہ، ٻولي مَنُ پنهون پنهون.

○

لڳ اڙايئہ لَڪّ، وڏءِ ونگ وجود کي!
(1) ٽاٽي وانگر ناهہ ڇا، ٽڪر توکي ٽَڪ؟
جيءَ ۾ اڇي جڪ، آگمر تي اڏري وڃا!

○

---

(1) ٽَڪَ: ليڪو، حد، نشان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

(1) لڳ اڙايئہ لڪَ، ڪَوڙو ڦاٽو ڪوڙڪي،
رڳون ڇڄن روهڙيون، ڇُڪون پائن ڇڪ،
شايد ويجهي ڇَڪ، اتم سات سڄڻ جو!

○

(2) گهڙي ورهيہ – وڏي، ڊڪي پهچ پرين کي!
اٿئي ڏات ڏني، وِٽي، هُتِ پڄڻ جي!

○

سڪڻ – سڌ، دعا، لنگهڻ – لڪ، دوا،
سسئي لاءِ شفا، پڄڻ پير پنهونءَ جو.

○

لُڪَ لڳِي، رُڃَ تتي، قيامت جو ڪاڙهو،
دوزخ جو تاندو ڏڳي، هيڪاندو هاڙهو،
رٽن ۾ راڙو، مِرُن، مُنڌ مِڙي ڪيو.

○

دوزخ سِڄَ ڏڳي، ساڙي ڏوهي سُڄَ کي،
جيئون ڪرن اُڀ مان، تاندا لُڪَ لڳي،
اهڙي آڳ اڳي، سسئي، سُڄَ سني نہ هئي!

○

هَريو جهنگ جلي ويو، ٻَريو ٻَرُ ٻَنو،
ڪارو ڪاڙهو هاڙهہ جو، ڪُل ئي اج ڪَنو،
سسئي ڏک سَنو، هيڏو پنهنجي حقَ لئي.

○

---

(1) ڪوڙو: سينو، ڇاتي. (2) ورهيہ وڏي: ورهيہ کان وڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

رائو، رُڄَ، رَئي، ملي ساڙن منڊ کي،
(1) عشق آتشدان تي، تتي تانگهہ، تئي،
هليا پيلهہ ٻئي، ٻانيڻ، ٻارڻ هوت ڏي.

○

گوندر ۾ گاڏر، ڏونگر ڏانهن ڱڏيا ويا،
سسئي سُڄَ ڪندي وڃي ٻاغيچا، ٻاڙر،
عشق جي آڌر، رڻ ۾ رَڄَ ڪندي وڃي.

○

ڏنين ڏِينهن هَتا تتا! ساڙين سَنڌ اُتَت!
پٽر ڪنديس پنڌ سين، لَهوءَ ۾ لت پت،
باقي ناهہ ٻچت، جيڪي جند، جتن لئي.

○

ڪاڙهو ۾ ڪاچو، تپي، ڏيل ڏنيين تا،
مون سان چَپر- چاڻء آ، پرينءَ جو پاچو،
اديون مون آچيو، جيوَن سڀ جَتن کي.

○

ڏرتي تي تامون، پٽر اگر تي ٻريا،
اُلون، اولانبيون لڳن لوهيڙي- لامون،
سورهيہ اچ سامهون، اورانگهيندي اَڳ کي!

○

(1) تئي: ڪٽجي، لنيڙي ڪٽاهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

واتُوريو وهمي: مولٰي مِهري موڪلي،
سسئي وئي سَهمي، وحشيءَ کي ويجهو ڏسي.

○

ٻچڙو، ٻُوش، ٻَڌُو، سسئي سَٽ تکي چکو،
مانارو ڏاڙهي – مُڇون، مُنڊِي، ڪنڌ ڪَڌُو،
ڏوسو، پُوت ڏندو، وينگس ڏي وِسڪي وڌيو.

○

ٻَدوءَ منجهان بانس، ايريو اچي اوسني،
هيڏو ڏيرو هٿ ۾، ڏنئري هينان ڏاسَ،
تاڪوءَ کي تنهن تي چيو، اُچِي رکي آسَ،
تيسين مرنديس تاس، جيسين آب ملي ميان!

○

ضائفان تنهنجي ذات چا، نارِي تنهنجو نانءُ؟
هلي آهين هيڪلي، هيڏو تنهنجو هانءُ!
اڳيان تنهنجي ۽ آنءُ، بينو آهيان ٻاگ سان.

○

سسئي منهنجو نانءُ آ، پيڪا پرتياٽي،
سُرها ڪيچي ساهرا، امل آرياڻي،
ٻانهي ٻيلياٽي، ڄاڻج پنهونءَ ڄام جي!

○

Scanned with CamScanner

○

ٻوڪ ڪيو ٻڪرار، سسئي کي سامهون ڏسي،
مونکي ماءُ دعا ڪندي، هئي هيءَ هر وار،
ڪڏهن ڳاڙهي ڪنوار، ٻَر ۾ ملندءِ ٻودلا!

○

سسئي ٻُڌڪي، ٻاءُ، مان هان تنهنجي ٻينڙي،
شادي ڪيم شاهد آ، خدا، وقت ۽ واءُ،
ٻنهنجي لالڻ لاءِ، وڃا تي واڪا ڪندي.

○

موڳي، آهيان مڙد مان، تون آن ضاعفان،
وَني مِلي وجهه سان، چو مان هينئن چڏيان!
تنهنجو هاڻِ وِهاڻُ، مون سان ٿيندو، مان ڪر!

○

قادر ڪندءِ گهوٽ، ادا، منهُنجي دعا اٿئي!
مامو، چاچو، مائٽي سڏي ڪندءِ سوٽ،
مدائيءَ کان موٽ، ٻلائي ڪر ٻيڻ سان.

○

ٻڪئي، جَت، ٻليل، ونگي وينگس وات سان،
سوچيئين ٻتبيون ٻوتيون، چتبي ٻوري ڪَل،
آچيس اوت آجل، مرندي منڌ ٻچي وئي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

داستان ستون

سو اهڙي سسئي، اديون ڙي آهيوَ هي،
جنهن جهڙي اوکي اڙي، اگ ۾ ڪانه هئي،
مري ڪانه مُئي، جيئري مُنڌ مِري وئي.

○

سسئي، سُور، سِڪڻ، ٽيئي تول ڏنا ڪنا،
جيئڻ، جار، جلڻ، جيئري ڪين جدا ٿيا.

○

واڪا منجهه وٽن، وو وو، مُنڌ مري وئي!
ڪامڻ لئه ڪُوڪون ڪيون، رڻن ۾ روجهن،
پٿر تي اوسر ڪندا، پٿر تا پهچن،
تارا تِمر تِمر ڪن، جهِرمِر سامي ءَ تي ڏيا.

○

پِتيا جهُت جهَنگن، سسئي سات ڇڏي وئي!
نہ سا ڏُڪ اکين ۾، نہ سا ڪُوڪ ڪنن،
راتو رِڻ رئن، وَسُهن هيل هلي وئي!

○

سسئي توڪان سُجَ، ويڳاڻي ووڙون ڏئي،
سَتي تنهنجي ست لئہ، رت رئي تي رج،
پاڻي پُڇي، اُج، ڪالهاڪون ڪاڏي وئي؟

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

سسئي تنهنجو سُور، رڻن ۾ رُلندو وتي،
تڪي جنهن جي تن ڏي، ڏڪيو پڇي ڏُور،
تو جيئن نئون نُور، نسنگ نينهن ڪري جڏهن!

○

سسئي تنهنجو سُور، تنهنجي ساميءَ تي رئي،
ڪنهنکي آهہ ضرور، سيني لائي سُورَ کي!

○

سسئي تنهنجا سُورَ، ساري تر جا سُورَ،
جيتر ڏونگر ڏارجن، تيتر قهر ڪلور،
ماٺهو، شهر، ملور، ڏيهين اجا ڏوجهرا.

○

سوين ڏِسن سُجَ، سوين چون وِيءُ،
لکين اکيون پوڏ ۾، لکين اکيون اُچ،
طرحين طرحين رُجَ، دنيا کي دوکا ڏنا.

○

هِتان گذري هُوءِ، ڏونگر، ڏيهَن کي ڏسيو،
پيرا، بُوتا پَت تي، پگهر، بَرَ ۾ بُوءِ،
جرڪي ساري جُوءِ، وِک وِک لات رکي وئي!

○

سسئي جا سهڪار، واءَ چيو، وسرن نہ ٿا،
پربت چيو پٿي پُري ڪنن ۾ ڪوڪار،
پَٿن وٽ پُڪار، محفوظ آهي منڊ جي

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

رهي نانءُ الله، وهي درِيا وقت جو،
مَلهڻ ٿورا ڏينهڙا، مرڻ مُند اٺاهه،
سسئي تنهنجا ساهه، بَر ۾ بُوءِ بهار جي.

○

هي جو ڪاري ٻاٽ ۾، راتين جهڙو رڻ،
ڏياريءَ جو ڏِڻ، ٻانيڻ ٻاڻ ٻري ڪيو.

○

رِڻ ۾ رج هجي ٻه پر، سسئي ناهين سُڄ!
اڃي تنهنجي اڄ، اڻ توربو اوتي ڇڏيو!

○

سياڻن کان سياڻي، تيس اوس اياڻي،
عشق اچي هاڻي، ڏاهپ خاص ڏسينم تون!

○

ڏس ڏيڻ واري، پنهنجا ڏس پُڇان پئي،
تيتر ويچاري، جيتر جت سڃاڻ ڪن.

○

ڏسُ تتي واري، ڏنيپي پير ڏئي ڇڏيو،
جيڏهن ڪيڏهن جوت آن سسئي تون ساري،
عشق اٿئي آري، ڪاڇو تنهنجو ڪيچ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

اُنگري اڳتي ڍور، سسئيءَ کي سوڙهو پيو،
هيڏانهن حُور اُجي بڪي، هوڏان زبرو زور،
لاڳيتي تڙيڻ ڪيس، تڪو دل تي تور،
ڀانيئين غارُ ڀنيور، گهايل منجهہ گهڙي وئي.

○

اُگهڙي آدمخور، ٻانيڻ جون ٻَوٽيون تڪيون،
(1) پربت- ڀُوت پري رُهيا، ماڻهو، مِرون- سور،
گهرڙو سمجهي گور، لحظي منجهہ لنگهي وئي.

●

---

* مِرون، سوئر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وايون

گهوڙا، هڙا گهيڙ! ڏونگر، مون نہ ڏٺا اڳي!

جبل، پيلو تو لڳين! پٿر جهڙا پيڙ،
ڏونگر، مون نہ ڏٺا اڳي!

ماڻهوءَ ٻوءِ سُنگهيو تين، مِرون تو وت ميڙ،
ڏونگر، مون نہ ڏٺا اڳي!

پکيون پهچن چوٽ تي، ٽکيون ڪاٽن ٽيڙ،
ڏونگر، مون نہ ڏٺا اڳي!

اٿاريان تي زلزلا، ٽَڪَر لهندءِ ٽيڙ،
ڏونگر، مون نہ ڏٺا اڳي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوني لکين ڪوهڪن، ڇَپَرَ ڪريانءِ ڇيڙ!
ڏونگر، مون نہ ڏنا اڳي!

ڪِرِڙا سانجهيءَ سمجهہ جا، سيلها اڇليا سيڙهہ،
ڏونگر، مون نہ ڏنا اڳي!

استاد عشق اتاهہ آ، پرکي ڪير پکيڙ.

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

ڪوڪان گام بہ گام او چام،
دل جي دانهن ٻڌين بہ نہ تو تون!
آپري ڏانهن اچين بہ نہ تو تون!

ٻانيڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان،
سارج پنهنجي سام او چام،
دل جي دانهن ٻڌين بہ نہ تو تون!

منهنجو هانءُ حُسين ٻٽيو آ،
شِمر جهڙي شام او چام،
دل جي دانهن ٻڌين بہ نہ تو تون!

منهنجون سوچون منهنجون لوچون،
سيئي تنهنجي سام او چام،
دل جي دانهن ٻڌين بہ نہ تو تون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مونکي سُڄ سلام ڪري ٿي،
ڪن ٽا ڪوهه ڪلام او چامَ،
دل جي دانهن ٻڌين ٻه نه ٿو تون!

آس اجا استاد اٿم هي،
آٿيندين آدام او چامَ.
دل جي دانهن ٻڌين ٻه نه ٿو تون!

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

اهـڙي ڪـانـ اڙي! جهـڙي آءُ اڙي.

سڏ پڙاڏو گڏجي گونجيو، سارو روهہ رڙي،
اهڙي ڪانہ اڙي! جهڙي آءُ اڙِي.

پوهي پير تني رڻ ربتي، جهولو هانءُ جهڙي،
اهڙي ڪانہ اڙي! جهڙي آءُ اڙِي.

ووڙون، واٽون پاڻ ونگن ٿيون، ڪُوڪون ڪوهُ ڪڙي،
اهڙي ڪانہ اڙي! جهڙي آءُ اڙِي.

هيءَ تي تانگهہ تڪي نئين چوٽي، هو تو سجَ لڙي!
اهڙي ڪانہ اڙي! جهڙي آءُ اڙِي.

منهنجو جيءُ جگر جنهن ساڙيو، سو تان سُور سڙي،
اهڙي ڪانہ اڙي! جهڙي آءُ اڙِي.

ساري عُمر بخاري سسئي، لائي حق لڙي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجو قرب ڪٺي،
منهنجو هانءُ وڍي،
هئه هئه!!
ڪاڏي، هوت هليا ويا!

پرزا پرزا پيار ٿيو،
ڳترا ڪير ڳنڍي، هئه هئه ...

ڪوسي ڏوسي لُڪ ٿي،
سارو ڏينهن ڏنيي، هئه هئه ...

قبر ڪاري رات ٿي،
ڇپَر منجهه ڇڏي، هئه هئه ...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاٺي پيڪا، ساهرا،
روهان ڪير ڪڍي، هئہ هئہ ...

استاد ايلاهُون ڪري،
سسئي، هوت سڏي، هئہ هئہ ...
ڪاڏي، هوت هليا ويا!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهنڪي دانهن ڏيان، ڪيهون، ڪوهہ ٻُڌي نہ ٿو،
ريهون، روهہ ٻڌي نہ ٿو.

پاڻي ناهي پيار جو، پئي ٿي زهر پيان،
ڪيهون، ڪوهہ ٻڌي نہ ٿو...

مهڻا ڪيچ، پنيور جا، ٿوڪن هاڻ ٿيان،
ڪيهون، ڪوهہ ٻڌي نہ ٿو...

ڪُرڙي، واڳونءَ وات ۾، جيڏي، آءٌ جيان!
ڪيهون، ڪوهہ ٻڌي نہ ٿو...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏونگر اٿئي ڏورڻا، هيٺون تي نہ هِنيان!
ڪيهون، ڪوهہ ٻڌي نہ تو...

ايڏا تورا عشق جا، لاهيان ڪيئن ميان،
ڪيهون، ڪوهہ ٻڌي نہ تو...

آريءَ رِي استاد مان، تر تانءِ ڪيئن تيان!

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وايون

قربَ مُٺي کوناياں!
سُورِ وَتي سڏراياں،
جيڏيون مان جوڳياڻي!
پرينءَ جي پاندياڻي!

ڪاريون، نيريون ڪفنيون ڇاجون،
ڏاچا ڏڙ تي پاياں،
جيڏيون مان جوڳياڻي!

ويهڻ ويڻ وڏو تي پانياں،
پٽي تي پنڌ پڇاياں،
جيڏيون مان جوڳياڻي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي جونجھاريون ووڙڻ واريون،
پيٽون پنھنجون پانيان،
جيڏيون مان جوڳياڻي!

ايندي سان آلاپ بخاري،
ويندي ناد وڄايان،
جيڏيون مان جوڳياڻي!
پرينءَ جي پانڌياڻي!

•

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سٽجو ساٿاري،
چٽجو چوڌاري، آءُ آريءَ جي منهنجو آري.

سڪ جو ساگر ساڳيو آهي، ڌر ناهي ڌاري.

تن کي ڏيهه مبارڪ ڏيندا، پرت جني پاري.

ڪرڙا ڏونگر ڪهڙي وجهندا، قربن ۾ گهاري.

چمڪي مهڪي ڪيڪاري ٿي، وائن جي واري.

سا ڪيئن اڳ اجهامي جيڪا، ٻاڪارڻ ٻاري.

دادوءَ جو استاد بخاري، ڳائي ڪوهياري،
آءُ آريءَ جي منهنجو آري.

●

پوڪارين رڳون،
ڪوڪارين سِڪون، تنهنجو نانءُ پنهون- پنهون!

تو وٽ چاهي تونِ چا چاٽين، مون وٽ تون ئي تون.

پينر ڪيچ، پنيور ٻنهيءَ جون، ساڳي جُوءِ جڙون.

مون ڏي مينهن وسائن اکيون، توڏي تار نيون.

ڊوڙو روجهو ڊوڙ پڄايون، پنڌن ساڻ پڄون.

سامهون سوڙها لڪَ سُجهن تا، پويان باهه لُڪون.

پهتي نيٺ پريت ٻخاري، چيري سُور صفون.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سرتيون، ساٿ هُتي،
پنهون پاڻ ڪِتي، آهيان ڪهڙي هنڌ تي!

سپنا، ساييان، آسرا، ڪُل ئي اڄ ڪُٺي،
آهيان ڪهڙي هنڌ تي!

ٽڪَر، ڪڪر، آسمان، مڙني آءُ مٺي،
آهيان ڪهڙي هنڌ تي!

ساجهر ڪيڏو سوجهرو، سانجهي ڏنڌ سٽي،
آهيان ڪهڙي هنڌ تي!

اڳتي، پرتي پنڌ ۾، رستو ڪير ڪٽي؟
آهيان ڪهڙي هنڌ تي!

عشق اتر استاد ٿو، ويرو وير وڏي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

●

آجو چاھہ چَران،
ماڻي، پوءِ مران، مونکي تات جَتن جي،
وائي وات جتن جي.

تاڻيان جيتر توڙ ٽٽي، وچان ڪيئن وران!

سِجَ اَجهاڻي، سوجهرو، پاريان يا نہ پران.

پٿر پير چِتين تا، تڪَر ڪان نہ ٽران.

ٽَڪر رعب رکو نہ، مان، ڏونگر ڪان نہ ڏران.

نڪتي آهيان نينهن جا، ڪائي گهاوَ گهران.

استاد آگ اُها لڳي، ٺارئي ڪين ٺران.
مونکي تات جَتن جي،
وائي وات جتن جي.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايندي چوليون لوليون، ويندي وِندر جبل،
منجهند، ماڪ مهل!

آري ڪيئن ابلّ تيو؟ اديون آءٌ ابل.
منجهند، ماڪ مهل!

ڊُڪَان، ڪُوڪان ڪيترو، "پهتو" ڪئي نہ پنهل.
منجهند، ماڪ مهل!

چپَر، چِپَون اوپريون، ڪنهن ڪي ناهہ ڪهل.
منجهند، ماڪ مهل!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جتن، حيلا، جُوجڪيون، مون سان ميڙ متل.
منجهند، ماڪ مهل!

پهچائي استاد چئي، آيري، عشق اجهل.
منجهند، ماڪ مهل!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايندي ئي آتي،
جيڏيون، منهنجي جندڙي.

هندورو هن لاءِ هئي، چولين جي چاتي.

اندارين لوڙهي چڏي، چاندوڪين چاتي.

ايرادا عمدا ڪٽي، پانيائين پاتي.

تنڊي لاڪون نينگري، سورن سخاتي.

ٻاروچي، ٻانيڻ ٻڪي، جيءَ وجهي جهاتي.

تتي، باغي عشق جي، تحريڪن تاتي.

چوڏاري استاد پئي، ڳوناٽن ڳاتي.
جيڏيون، منهنجي جندڙي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن تي دانهن ڏيان،
ڪنهن ڏي دانهن نِيان، ڏاڍي ڏير ڪري ويا!

هاڻُو، حقّ ڪٺي ويا، هيڏي شهر وچان.

ڏاڍا لَڪَ لنگهي ويا، هينئر هينئر هتان!

ڊوهارن کي ڊوڙندي، روڪي ڪير ڪِتان!

ناتي تيرت تڪيا، جهاڳي پنڌ جتان.

چمر چانءِ ڪٺي ڪٽي، چِپَر هانءَ ڇنان.

جتن ماريس جيڏيون، جتن ساڻ جيان.

رُلِيءَ کي استاد چئي، سينئي سَو رِتان.

○

پهريان هوت پُڇايان،
ڏاگها، ڏير ڏکايان،
سسئي پوءِ سڏايان!

ڏونگر تو ۾ ڏنگ وڏو آ،
تنهنجي هوڏ هٽايان،
سسئي پوءِ سڏايان!

ڏنڊا، ٻانا، ڪرڙ، کهوءَ جا،
نيرا نانگ نچايان،
سسئي پوءِ سڏايان!

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

بر ۾ آيم بانس ٻُري جي،
سُرهو سَتّ بچايان،
سسئي پوءِ سڏايان!

سرتيون مان هيءَ سينڌ ڏيان ٿي،
(1) دهشتڪار آڏايان،
سسئي پوءِ سڏايان!

(1) آڏايان: اڏواڏ ڪريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڏيون گڏجو، گڏجي گرجو،
وڻ وڻ واڪ وڄايان،
سسئي پوءِ سڏايان!

چيڙها چنرا، نرجا نوتا،
موذي سڀ مچايان،
سسئي پوءِ سڏايان!

ناحق کان انڪار بخاري،
حق هُل هُلايان،
سسئي پوءِ سڏايان!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماراپس مروّت،
کھکايس قسمت، اَئي البت،
همّت موکيا مامرا!

ڏُکايس ڏيرن گهٽو،
گينداڙيس غفلت، اَئي البت،
همّت موکيا مامرا!

جيکا نِپنين ناوکين،
آءٌ اها عورت، اَئي البت،
همّت موکيا مامرا!

جيڏي هيڏي جُوءِ ۾!
جهوليءَ پاتم جَت، اَئي البت،
همّت موکيا مامرا!

انڌا، ٻوڙا، ٻي جِيا،
پاڙيچا پربت، اَئي البت،
همّت موکيا مامرا!

ٻانيڻ ساڻ ٻروچڪي،
گڏجي پيئي غيرت، اَئي البت،
همّت موکيا مامرا!

آزاريو استاد چئي،
دوڏاري دهشت، اَئي البت،
همّت موکيا مامرا!

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بارڻ ٻائيتال،
هنڌين ماڳين حال، ڪُوڪون مُنڌ ڪندي وئي.

تکر ساڻ تي تڪَر ڪائي،
زخمي زخمي زال،
ڪُوڪون مُنڌ ڪندي وئي.

پيرن ساڻ رڳي وئي پاهڻ،
پِيلا تيندا لال،
ڪُوڪون مُنڌ ڪندي وئي.

ويرن ڪان وٺڪار وڃي تي،
چوها ڏيندي چال،
ڪُوڪون مُنڌ ڪندي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڏيون جاڳو بوتن بدران،
جيپون آيون جال،
ڪُوڪون مُنڌ ڪندي وئي.

يمپي جي تاريخ بخاري،
اوريندي احوال، ڪُوڪون مُنڌ ڪندي وئي.

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

وينـي زهـر ڦـَـڪـي،
تاڪَن ڏانهن تڪي، پهتو ناهي چو پرين؟

مَندن مهمانن سندو،
ڏِسيو ڏِنگ ڏڪي،

هـمـڙا تـمـڙا بي لـجـا،
بيـنـي ڪـوڙ بـڪـي،

ڦورن تي ڦڪڙي ڪندي،
تـوري ڪـيـن تـڪـي،

ڪاوڙ، ڪرتيو ڏندڙا،
پنهنجا چپ چڪي،

آرباڻي اسـتـاد ڪـي،
دولڻ شال ڍڪي! پهتو ناهي چو پرين؟

○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

○

هئہ هئہ هوتَ هِتان!
جيڏيون مونکي جهورِي هِينئر هينئر ويا!

آچيو ساٿ نہ آخر تائين،
آکيوَ: موٽ اِتان،

چاهت اوت اتان تي آئي،
جيون جوت جتان،

آئي عشق اڳي کان اڳتي،
تاٽي تانگهہ تِتان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوريان پريان زور زبر جون،
پُرنديون نيٺ پِتان،

آزار آ ڪهسار بخاري،
ڳوليو لڪّ ڪتان،
جيڏيون مونکي جهورِي هِينئر هينئر ويا!

○

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جاڳين ها جيڪر،
هوش ڪري هيڪر، سسئي سياڻي هِيئن نہ هَڇين ها!

اُٿهئين مُنڌ اوير تي،
ڏول وڃايو ڏر، سسئي سياڻي...

ويڇهو پنهنجي حقّ ڪي،
ويهين ها ويتر، سسئي سياڻي...

پيلهہ هڇين ها پانيڻي،
جانيءَ سان جيڪر، سسئي سياڻي...

ڪوني ڪيچ، پنيور ڪي،
ڏارين ها ڏونگر، سسئي سياڻي...

اوندھ ۾ استاد جا،
ٻول هيا ٻربر، سسئي سياڻي...

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪافي

سڪ ساهہ جِڏيو آ ساڙي، ڙي،
تو قـقـز وچـوڙو ڦاڙي، ڙي.

گهر- گهات، گهٽيون، جڳ جاڳي پيو،
دل ڏونڏاڙي هن ڏاڙي ڙي.

تي ڏير شهر ڪان ڏاڍا ويا،
هاٽي ڪير پنيور تي پاڙي ڙي!

تو روح سڙيءَ جو رج ۾ رُلي،
وئي آهہ اُڏِي آڙي پاڙي ڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اجان ڊوڙان، واٺون ووڙيان پئي،
سج لام چڏي توٽي لاڙي ڙي.

مونکي برهه بخاري پڙڪايو،
مان چا جاٿان، ڳوڙها ڳاڙي ڙي!

●

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner



جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

A ROSHNI BOOKS
Poetry
Pakistan Rs. 80.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book